# گانڌي ويچار

سمپادڪ:- ديپچندر تلوڪچند

ٻهريون ڇاپو] قيمت ١-٠-٠ [ڪاپيون ١٠٠٠

پڪو جلد ١-٤-٠


پرڪاشڪ سنچالڪ "نئو يگ ساهتيه"

[قومي ٻولي ڪتاب گهر]

حيدرآباد سنڌ.

Printed by Chetandev K. Kodwani at the Kohinoor (Elec.) Printing Works, Mula Babur Lane, Hyderabad Sind.

Published by Dipchandra Tilokchand Sanchalak "Nava yuga Sahitya" Hyderabad Sind.

# فهرست


باب — وشيه — صفحه

فهرست ٢-٤

مهاڳ [شريمت جيرامداس دولترام] ٥-٦

پومڪا [ليکڪ] ٧

ٻه اکر ٨

**باب پهريون — ملڪ ٩-٢٤**

سچي فرض ادائي، ديس ڀڳتي، سياسي آدرش، آزاديءَ جي حفاظت، آزادي ڇيچل استري، سلطنت شاهي آفت، سوراج جي چند چاڻ، سوراج جي وياکيا، قربانيءَ جو معدو، ڪانگريس زنده باد، سياست ۽ ڌرم، پرڳڻي واد جو زهر، اسان جو فرض، آپيشاه سرشتو، انگريز ۽ هندستان، پورن آزادي

**باب ٻيو — اتحاد ۽ فرقيوار مسئلو ٢٥-٣٦**

قومي اتحاد، اول آزادي، سلطنت شاهي رنڊڪ، پاڪستان ڪوڙ، هڪ يا ٻه قومون؟ اجايا سپنا، غلط پرچار، معهن ڪيئن ڏيون؟ باجي جو سوال، فساد ۽ وقيعه فرض، تپسيا جي راه، جتي ڏڄڻا اُتي جهڳڙالو فرقيوار مقرريون.

**باب ٽيون — مالي مسئلو ٣٧-٤٩**

مالي نظام، اول اَن پوءِ ايشور، ڪلن جي خلاف؟

باب وشيه صفحه

ڳوٺن جي ستياناس، آدرش کهڙو؟ ساميواد ۽ ۽ گانڌي اصول، ڪلاس وار لڙائي، ٻکيا ٻجاء پورهيو، شاهوڪار ۽ ڌن، ڳوناٺا هنر، غريبيءَ جو ڪارڻ.

**باب چوٿون استريون ٥٠-٥٩**

استريءَ جي اهميت، زال مرد جو ناتو، سڀ جي رکيا، ڇوڪرين ۽ حفاظت، زال جي عزت ڪيئن ٿي بچائي سگهجي؟ پردو ۽ پولرتا، زيور، ڏيتي ليتيءَ جي ڪڌي رسم، زالن جو سينگار.

**باب پنجون شاگرد ٦٠-٦٨**

شاگرد ۽ هٿ جو پورهيو، انگريزي يا هندستاني؟ هٿ قاڙ خرچن لاء تنبيهه، همت ڌاريو، سنڌي شاگردن ڏانهن، نٿرت ضروري، اعليٰ تعليم بابت ويچار.

**باب ڇهون چرخو ۽ کادي ٦٩-٧٦**

چرخي جي مهما، اهنسا جو اُهڃاڻ چرخو، کادي مهما، کاديءَ جو راز، ڪانگريسين جو فرض، مل جو ڪپڙو پهريندا يا کادي؟ ان سرٽيفائيڊ کادي وڻڻ اڻياچار.

**باب ستون اهنسا ٧٧-٨٩**

اهنسا جي مهما، اهنسا جو راز، اهنسا جو عمل،

| باب | وشيه | صفحه |
|---|---|---|
| | اهنسا ۽ ملڪ، ٻزدليءَ جي اهنسا کان ڀلائي ڀلي جي هنسا بهتر، هنسا ۽ اهنسا ۾ فرق، گوندي کان ٻچڻ لاءِ زال ۽ ڌسعدرٿ ڇا ڪري؟ اهنسا جو سؤداگر، اهنسا بهادرن جو ڌرم. | |
| **باب اٺون** | **سچ ۽ ايشور** | ٩٠-٩٨ |
| | سچ جي صفائي، سچ جي شڪتي، سچ جو انعام، سچ ئي پرميشور، ايشور هستي، ايشور وشواس، قادر ڪتي، پرارٿنا جو پرتاپ، پرارٿنا ڇا هي؟ رام نام جي مهما. | |
| **باب نائون** | **اخلاق، ڌرم ۽ روحانيت** | ٩٩-١١١ |
| | اپوتر وچار ڪيئن دٻائجن، وهڻ سکو، پل پاسڻ ماڻهو وڏو ڪيئن ٿئي ٿو، عمل ۾ شڪتي، بدلي پورهيو، اندرين تي ضابطو ڪرو= شراب + آفيم همچريه، ڌرم جي ڪشادگي، درمن جو ڳانڍاپو، ڌرم جو سچو مطلب، اڇوتپڻو زهر، ڌرمي لڙائي گندگي، زندگيءَ جو مقصد، اندر جو آواز، مذ ڇا ۾؟ سنتوش ۾ سک، پريم، شرڌا، سچي نيتي. | |
| **باب ڏهون** | **راشٽر ڀاشا** | ١١٢-١١٦ |
| | انگريزي يا هندستاني؟ هندي + اردو= هندستاني، جپان جي ترقيءَ جو راز، اسانجي راشٽر ڀاشا. | |

# مهاڳ

منهنجو اهو وشواس آهي ته مهاتما گانڌيءَ جو جيترو قدر اڄ هندستان يا دنيا ڪري ٿي، ان کان صدبار وڌيڪ قدر سندس گذاري وڃڻ بعد ٿيڻو آهي. هندستان ۾ هو اوتار يا اولياءُ ڪري ليکبو. ٻين ملڪن ۾ هڪ روحاني پيغمبر جو درجو لهندس. هن سمي جي جوانن جا وڏا ڀاڳ آهن جو هھڙي مها ڪرم يوگيءَ جي يگ ۾ سندن جنم ٿيو آهي. جي ان جو پورو پورو فائدو وٺڻو اٿن ته پوءِ هن انقلابيءَ جي "ويچار ڌارا" جو ڳوڙهو ابياس ڪرڻ گهرجين.

ڪرم يوگيءَ جي حيثيت ۾ مهاتما گانڌي پنجاه سالن کان پنهنجي هڪ هڪ گهڙي منش شيوا ۾ گهاري آهي. ماڻهن جي هر مسئلي ۾ ڀاڱو ورتو اٿس. اهو ڀاڱو وٺندي هن منش سماج ۾ هر طرح جو انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ منش جاتيءَ کي پشوپڻي جي رهيل اثر کان آجو ڪرڻ جو اُدم ڪيو آهي. زبان ۽ قلم ۽ عمل وسيلي اهو يتن ڪيو اٿس.

جيڪي زبان سان چيو اٿس ۽ جيڪي قلم سان لکيو اٿس، سو ايڪ اخبارن ۽ پستڪن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهي. اهو ٽڙيل پکڙيل خزانو سڀ ڪي ميسر ڪين ٿي سگهندو. انهي خزاني ميڙڻ لاءِ وقت گهرجي، ڌيرج گهرجي. انڪري ئي ضروري آهي ته سندس ويچار ڌارا سمجهڻ لاءِ سندس ليکن مان چونڊ چونڊيون حال گڏ ڪري اسان اڳيان رکيون وڃن.

شري ديپچند ر ڪن خاص مسئلن نسبت اها محنت ڪئي آهي. اسين اهي چونڊيون پڙهون. ڌيان سان پڙهون. اکر اکر کي ڏنل وزن ڏيون. انهن ويچارن تي، ويچار ڪريون. ائين نه ڪنداسين ته مهاتما گانڌيءَ جي ويچارن کي پوريءَ ريت ڪين سمجهنداسين.

مونکي اميد آهي ته هن ننڍي پستڪ جا پڙهندڙ "گانڌي ويچار" چڱي طرح گرهڻ ڪري انهن تي ڪجهه نه ڪجهه عمل ڪرڻ جو اُدم ڪندا.

حيدرآباد سنڌ
١٩٤٥-٩-١٧

جئرامداس دولترام

# ٻه اکر

« نئين ساهتيه » طرفان هيءُ پستڪ سنڌواسين اڳيان رکندي خوشي ٿئي ٿي. اُميد آهي ته آئينده به ترقي پسند ساهتيه ڪڍڻ لاءِ ڪوشش جاري رهندي. جيڪڏهن ڪي به سنڌي ليکڪ پنهنجا تيار ڪيل ڪتاب، خاص ڪري قومي ڪتاب مونکي موڪليندا ته اُهي « نئين ساهتيه » طرفان پڌرا ڪيا ويندا.

اڄ ڪلهه هڪ روپئي ۾ ١٠٠ صفحن جو ڪتاب ڏيڻ جو رواج چالو ٿي ويو آهي، مگر اسان هڪ رپئي ۾ ١٢٠ صفحه ڏيئي رهيا آهيون جيتوڻيڪ سڀو ڪتاب هٿ جي پني تي ڇپايو ويو آهي، جو رواجي پني کان ٻيڻ کان به وڌيڪ اگهه ۾ ملي ٿو. اُميد ته سنڌواسي، خاص طرح قومي ڪنڌڙ هن پستڪ جي پرچار ۾ پنهنجو هٿ ٻ گهيريندا.

مان سنڌ جي هيري شريمت جئرامداس دولترام جو نهايت شڪرگذار آهيان، جنهن انيڪ مشغولين هوندي به تڪليف وٺي مهاڳ لکي ڏنو آهي.

شيوا ۾

**ديپچندر**

**سنچالڪ « نئين ساهتيه »**

(قومي ٻولي ڪتاب گهر

حيدرآباد سنڌ.

# گانڌي وچار

## باب ٻھريون

### ملڪ

-- جيستائين اسين ڪانگريس يا انهيءَ خيال کان پنھنجي عزت وڃائي ويھنداسين يا سرڪار جي ڊپ کان پنھنجي سماج جي برائين جاچڻ جو ڪم ڇڏي ڏينداسين ۽ پنھنجي قوم جي سقمن سمجھندي به اُن طرف ڌيان نه ڏينداسين، تيستائين ٻاهرين سون علاجن آزمائيندي، ڪانگريس اجلاس ڪندي ۽ گرم سڏائيندي به اسين هندستان جو ڀلو نه ڪري سگھنداسين.“

### سچي فرض ادائي

ديس جي محبت کي مان پنھنجي مذھب جو [illegible]

پاڳو تو سمجهان. ملڪي محبت کانسواءِ ڌرم جي پوري پالنا ڪري نٿي سگهجي. پنهنجي فرض ادائيءَ ڪندي، جي پنهنجي پران پياريءَ استريءَ ۽ پٽ جو وڇوڙو سهڻو پوي ته به خوشيءَ سان سهڻ گهرجي. جيڪڏهن اهو وڇوڙو هميشه تاءِ هلي، تڏهن به پرواه نه ڪجي. ڌرم ۽ ملڪ کان مٿي ڪا به چيز ڪانهي. فرض ادائي اها آهي.

## ديس ڀڳتي

منهنجي ديس ڀڳتي ڪا تنگ چيز ناهي. اها بلڪل عالمگير آهي. مونکي اُنهيءَ ديس ڀڳتيءَ جو تياڳ ڪرڻ گهرجي، جا ٻين ملڪن کي مصيبت ۾ وجهي، ڪين لٽي، وڏائي حاصل ڪرڻ چاهي ٿي.

## سياسي آدرش

منهنجي نظر ۾ سياسي طاقت اسانجو مقصد نٿو ٿي سگهي. جن ذريعن سان زندگيءَ جي هرهڪ حصي ۾ پنهنجي ترقيءَ ڪرڻ جي طاقت ماڻهن ۾ اچي ٿي، اُنهن مان سياسي ستا هڪ آهي. ملڪ جي عيوضين وسيلي قومي زندگيءَ تي ضابطي رکڻ جي زور کي ٿي سياسي ستا سڏجي. تو جيڪڏهن قومي زندگي ايتري مڪمل ٿي وڃي، جو اها خود ضابطي هيٺ هجي ته نه عيوضيپڻي جي ضرورت ٿي ڪا نه ٿي رهي. اها هڪ سگهڙ راڄڪند (Anarchy) جي حالت ٿيندي. جنهن

۾ هر ڪو شخص پنهنجو پاڻ حاڪم ٿيندو. هو پنهنجو پاڻ کي اهڙيءَ طرح روڪيندو، جنهن ڪري سندس پاڙيسريءَ جي ڀلائيءَ ۾ اٽڪ نه ٿئي. آدرش اوستا ۾ حڪومت ئي نه رهندي ته پوءِ سياسي طاقت ڪٿان ايندي؟ انهيءَ ڪري ٿورو چيو آهي ته سڀ کان اعليٰ سرڪار اُها آهي، جا گهٽ ۾ گهٽ حڪومت ڪري ٿي.

## آزاديءَ جي حفاظت

جيستائين رک جون دليون اُنجي حفاظت لاءِ موجود نه هجن، تيستائين آزادي هڪ تمام خراب چيز مثل آهي.

## آزادي چنچل استري

اسانجي قومي اتهاس جي هن جڳهه ۾ بيجان ڪل وانگر عام راءِ ڪنهن ڪار جو ناهي... آزادي هن سنسا ۾ سڀ کان زياده موهني آهي انکي راضي ڪرڻ تمام مشڪل ڪم آهي. اُها پنهنجو مندر جيلخانن ۾ ۽ اهڙيءَ اوچائيءَ تي بنائي ٿي، جو اُتي ويندي ويندي اکين اڳيان اونده ڇانئجي وڃي ٿي ۽ اسانکي... هماليه جي چوٽيءَ مثل اوچائيءَ تي نهيل انهيءَ مندر تائين وڃڻ جي اُميد سان ڪنڌن، پيرن ۽ ڏکين پيچرن ۾ رتورت ٿيل پيرن سان منزل طيءِ ڪندي ڏسي ٿهڪ ڏيئي کلي ٿي!

## سلطنت شاهي آفت

دنيا جي سڀ کان وڏي آفت ته اِج اُها سلطنت شاهي آهي، جا ڏينهون ڏينهن پنهنجا پير پساريندي وڃي ٿي.

## سوراج جي ڇنڊڇاڻ

اهنسڪ سوراج:- جنتا (عوام) جي سوراج جو مطلب آهي هرهڪ شخص جي سوراج مان پيدا ٿيل لوڪشاهي راڄ. اهڙي حڪومت فقط هرهڪ شخص جي هڪ لڳرواسيءَ جي روپ ۾ پنهنجي فرض جي پالنا ڪرڻ مان ئي پيدا ٿئي ٿي.

* * * *

سوراج ۾ راجا کان وٺي رعيت تائين هڪ به حصوان ٽڙيل رهي، ائين نه ٿيڻ گهرجي. اُن ۾ ڪوئي ڪنهنجو دشمن نه ٿئي، سڀيئي پنهنجو پنهنجو ڪم ڪن، ڪو اڻ پڙهيل نه رهي، سالده سڀني جي گيان جي ترقي ٿيندي رهي، ساري رعيت ۾ گهٽ ۾ گهٽ بيماريون ٿين، ڪو به ڪنگال نه هجي، پورهئي ڪندڙ کي هميشه ڪم ملندو رهي، انهن جوا، چوري، شراب ۽ ويڀچار جا اوگڻ نه هجن. ڪلاس وار ڇڪتاڻ نه هجي، ساهوڪار پنهنجي ڌن جو ضمير سان استعمال ڪري ۽ نه عيش عشرت جي ترقيءَ ڪرڻ يا گهٽي ڌن ڪٺي ڪرڻ ۾. ائين نه ٿيڻ گهرجي، جو مٺ ڀر شاهوڪار رهن ميناڪاري محلن ۾ ۽ هزارين ۽ لکين ماڻهو هوا ۽ روشنيءَ بنا ڪوٺڙين ۾.

* * * *

اهنسڪ سوراج ۾ ڪو به ڪنهنجي مناسب حق جي ڪمت ست لتو ڪري سگهي. جتي جي حڪومت نيڪ

آهي، اُلي کوبہ غير واجبي حق ماڻي لٽو سگهي.

سوراج جو نقشو:- سوراج جي باري ۾ منهنجي خيال بنسبت ڪا بہ غلط فهمي نہ رهڻ گهرجي. سوراج جو مطلب آهي ڌاريءَ حڪومت کان پورو پورو ڇوٽڪارو ۽ پوري پوري مالي آزادي. اهڙيءَ طرح هڪ پاسي سياسي آزادي آهي ۽ ٻئي پاسي مالي آزادي. اُنجا ٻہ پهلو ٻيا بہ آهن. اُنهن مان هڪ اخلاقي ۽ ٻيو ڌرمي آهي. اسان اُنکي ڪٽي سوراج جو چوڪنڊو چئون. جيڪڏهن اُنجي هڪ بہ ڪنڊ غلط ٿي تہ اُنجي صورت ئي بگڙي ويندي. انهيءَ سياسي ۽ مالي آزاديءَ کي اسان سچ ۽ اهنسا ٻنا پهچي ڪين سگهنداسين. وڌيڪ صاف ٻوليءَ ۾ چئجي تہ ايشور ۾ زنده عقيدي ۽ انهيءَ لاءِ اخلاقي ۽ ڌرمي ترقيءَ ٻنا پهچي نہ سگهنداسين.

## سوراج جي وياکيا (Defination)

۱. سوراج جو مطلب آهي خود پنهنجو پاڻيهي حاصل ڪيل راڄ

۲. پر اسان نہ اُنجي وصف ۽ صورت جو بہ تصور ڪيو آهي. انهيءَ ڪري سوراج جو مطلب آهي ملڪ جي آمدنيءَ ۽ روانگيءَ، فوج ۽ عدالت تي عوام جو پورو ضابطو.

۳. پر شخصي سوراج جو استعمال نہ ساڌو ماڻهو اڄ بہ ڪندا هوندا ۽ اسان جي پارليامينٽ قائم ٿي وڃڻ تي

۽ ممڪن آهي ته ماڻهن جي نظر ۾ اهو سوراج نه ٿئي. انهيءَ ڪري سوراج جو اَرٿ آهي- اَن ۽ ڪپڙي جي گهٽائي. اهو اينري هٿڻ گهرجي جو ڪڏهن ڪي ۽ اُن بنا بکيو ۽ ننگو نه رهڻو پوي.

۴. اهڙي حالت ٿيڻ تي ته هڪ قوم ۽ هڪ ڪلاس جا ماڻهو ٻين کي دٻائي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري سوراج جي معنيٰ آهي- اهڙي حالت، جڏهن ڪري هڪ ننڍڙي ۽ گهور اونده ۾ ٻي دٻائيءَ سان گهمي گهتي سگهي.

۵. قومي سوراج ۾ هر هڪ پاڳو زنده ۽ ترقيءَ لئي وسيلا ٿيندو ۽ هئڻ گهرجي. انهيءَ حالت ۾ سوراج جو مطلب آهي- اڇوتن جي اڇوتپڻي کي صفا نابود ڪرڻ.

۶. برهمڻ ۽ غير برهمڻ جي جهيڙي جو خاتمو.

۷. هندو مسلمانن جي ڪلوفت جي بلڪل بربادي. انهيءَ جي اها معنيٰ آهي ته هندو، مسلمانن جي مريادا رکن ۽ اُنهن لاءِ سر جي به ست ڏين. اهڙيءَ طرح مسلمان، هندن جي دل نه ڏکوئين بلڪ گئو ڪوس بند ڪن ۽ پنهنجي هندو ڀاءُ جي چت کي چوٽ رسڻ نه ڏين ۽ هندو بنا ڪنهن سوڌي ڪرڻ جي مسجدن اڳيان باجا نه وڄائين ۽ مسلمانن جي دل نه ڏکوئين بلڪ مسجدن وٽان لنگهندي باجي بند رکڻ ۾ پنهنجو شان سمجهن.

۸- سوراج جو اَرٿ آهي هندو، مسلمان، سک، پارسي، عيسائي، يهودي سڀني مذهبن جا ماڻهو پنهنجي

پنهنجي ڌرم جي پالنا ڪري سگهن ۽ انهن ڪرڻ ۾ هڪٻئي جي حفاظت ڪن ۽ هڪٻئي جي مذهب جي عزت ڪن.

٩. سوراج جو مطلب آهي ته هرهڪ ڳوٺ چورن ۽ ڌاڙيلن جي ڌپ کان پنهنجي حفاظت ڪرڻ ۾ طاقتور ٿئي ۽ هرهڪ ڳوٺ پنهنجي لاءِ ضروري اَن، ڪپڙو پيدا ڪري.

١٠. سوراج جي معنيٰ اها آهي ته ديسي رياستن، زميندارن ۽ رعيت ۾ دوستي رهي، ديسي رياستون يا زميندار رعيت کي زيربار نه ڪن ۽ رعيت، راجا يا زميندار کي تنگ نه ڪري.

١١. سوراج جو اَرٿ آهي- شاهوڪار ۽ مزدورن جي جي وچ ۾ دوستي. مزدور مناسب مزدوري وٺي، شاهوڪار وٽ خوشيءَ سان مزدوري ڪري.

١٢. سوراج اُهو آهي، جنهن ۾ زالون، ماتائون ۽ پيءُ سمجهيون وڃن ۽ سندن مان عزت ٿئي ۽ اوچ- نيچ جو ڀيد ڀاءُ دور ٿي وڃي ۽ سڀيئي ڀاءُ ڀيڻ جي ڀاونا سان ورتاءُ ڪن.

* * * *

سوراج جو مدار:- سوراج جو مدار ڪسانن تي آهي. جيستائين هو مدد نه ڪندا ته سوراج حاصل ڪري ڪين سگهبو. جيستائين هو سرڪار سان سهڪار (تعاون)

ڪندا ته توهان جون سڀئي چڱايون ۽ توهانکي سوراج حاصل ڪرڻ ۾ مدد ئي ڪنديون. جيڪڏهن هندستان جا ٢٥ ڪروڙ ماڻهو پنهنجي فرض کان منهن موڙي ڇڏيندا ته سوراج حاصل ٿي ڪين سگهندو.

## قربانيءَ جو مندو

اسانکي هلڻ ائين گهرجي، جو سرڪار تڪليف ڏئي ته به سڀ برسر ڪري ڏيکاريون ته ملڪ لاءِ ڪا به قرباني ڪري سگهون ٿا.

* * * *

منهنجي اها راءِ آهي ته جيڪي هن سچ جي لڙائيءَ ۾ شامل ٿين، تنکي وقت لي سڀ ڪجهه سهڻو پوندو. اسانجو مددگار ايشور آهي. اسين سچ تي هلي رهيا آهيون. هو جاڻي جاڻهار آهي. وقت تي جي پنهنجن ريتين رواجن ۽ معمولي مذهبي پابندين موجب هلي نه سگهياسين ته به فڪر ناهي. مقصد تي نظر پوري اٿئون ته پاسن ڪندن تي نهارڻ جو ضرور ڪونهي. جي انهن ريتين رواجن جي پابندين ۾ ڦاٿاسين ۽ جيل ۾ وڃڻ کان ڊناسين ته هميشه غلام رهنداسين ۽ غلامن لاءِ نه هي جهان ۽ نه پيو جهان آهي.

* * * *

ستياگرهين کي ڏکه ڏاڪڙا ڏسي، ڍلجي يا ڪمزور ٿي وڃڻ نه گهرجي، پاڻ دل ڏايي ڪرڻ کپي ۽ سڀ

ڪجهه سهڻ لاءِ تيار رهڻ جڳائي، جيئن سرڪار کي سچيءَ حالت ۾ پسي ويهن ۽ تنهن جو زور آزمائي پاڻ کي آزاد ڪريون. جيڪو آزاديءَ جي لڙائي لڙي رهيو آهي، تنهن لاءِ جيل جو تجربو ضروري آهي.

*　　　*　　　*　　　*

موت جو ڊپ ڇڏيو:- سوراج جي هڪ وياکيا آهي موت کان ئي ڊپ نه ٿيڻ. جا قوم موت جي ڊپ کان متاثر ٿي سگهي ٿي، اها هرگز سوراج حاصل ڪري نه سگهندي ۽ جيڪڏهن ڪنهن طرح حاصل به ڪندي ته به اُنتي قابض نه رهي سگهندي. انگريز لوڪ هميشه پنهنجي جان تريءَ تي رکندا آهن. عرب ۽ پٺاڻ موت کي معمولي بيماري سمجهندا آهن. جڏهن سندن ڪو عزيز مري ته رڻ پٽڻ جو وٽن دستور ڪونهي. بوئر استريون ته موت جي ڊپ کان بلڪل غير واقف آهن. بوئر جي جنگ ۾ هزارين نوجوان بوئر زالون وڌوايون ٿيون، ليڪن اُنهن ڪا به پرواهه نه ڪئي. جڏهن سندن پتي يا پٽ ماريو ويندو هو، تڏهن اُنهن ڪڏهن به افسوس جو اظهار نه ڪيو، بلڪ سندن لاءِ اها تسلي ڪافي هئي ته ملڪ جي عزت محفوظ آهي. جيڪڏهن ملڪ غلام ٿي وڃي ته پتيءَ کي بچائي هو ڇا ڪنديون؟ سندن خيال موجب اهو هزار ڀيرا بهتر آهي ته پٽ جي فاني جسم کي زمين جي هيٺان دٻايو وڃي ۽ سندس يادگيري

هميشه لاڙي رکي وڃي، بجاءِ انجي جو هو ڪڏهن بہ قوم جو غلام ٿي وڃي. انهيءَ خيال کان بوئر استرين پنهنجن پيارن ٻچن کي خوشيءَ سان موت جي فرشتي جي حوالي ڪيو.

*　　　*　　　*　　　*

سرڪار ڪيئن جهڪندي؟:- اسان ڪڏهن بہ سوراج حاصل ڪري ڪين سگهنداسين، جيڪڏهن ملڪ جي هڪ جماعت بہ ان لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ قربانيءَ لاءِ تيار ناهي. هيءَ سرڪار لفظن جي منطق اڳيان ڪين جهڪندي هيءَ سواءِ بهادريءَ ۽ سچن ڪمن جي ٻئي ڪنهن منطق کان واقف ناهي. هيءَ تلوار جي بهادريءَ کان واقف آهي ۽ هن پاڻکي اسان جي تلوار جي استعمال کان محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. منجهانئس ڪيترا اهڙا ڳالهہ پسند ڪندا تہ اسين هنن لاءِ تيار ٿيون. هنن جو مقابلو ڪرڻ ۽ انکي ڏ ٻاڻڻ جي فن ۾ مٿس ڪو بہ فتح نٿو پائي سگهي. انهيءَ ڪري اسان رٿيو آهي تہ پنهنجيءَ اهنسا سان سندن هنسا جي طاقت کي بيڪار بڻايون. هنسا مري وڃي ٿي، جڏهن اُها پنهنجي شڪار کي جواب ڏيڻ لاءِ آماده ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿئي ٿي. اهنسا، اسهڪار (عدم تعاون) جي عمارت جو بنيادي پٿر آهي.

## ڪانگريس زنده باد

منهنجو اهو رايو آهي تہ ڪانگريس لاءِ ڪو بہ ماڻهو

چاهي اُهو ڪيترو؛ وڏو ڇو نہ هجي، تہ بہ تمام ضروري ناهي. اڄ ڪٿي آهن دادا ڀائي ۽ لوڪمانيہ تلڪ؟ ڪٿي آهي سر فيروزشاه مهتا جو آواز؟ پر اُنهن جي وڃڻ سبب ڪانگريس ٽوڙوني ڪا ميٽجي ويئي؟ هن ڪانگريس جي جا عمارت اَڏي هئي، اُنڪي ڪاڻڻ پوء جيڪي آيا آهن، اُنهن اڳتي ٿي وڌايو آهي ۽ بس چار سرون مٿي ٿي رکيون آهن. انهيءَ ڪري جيڪڏهن مان مري بہ وڃان، سردار پٽيل، راجيندر بابو سڀيئي باهر نڪري وڃن، تڏهن بہ ڪانگريس زنده رهندي ۽ اُنڪي جيڪو سؤدو ڪرڻو آهي، سو ڪندي.

*　　　*　　　*　　　*

جڏهن سنستا (ڪانگريس) جي "آزادي" جان آهي ۽ جا دنيا جي هڪ زبردست سلطنت شاهيءَ سان ٽڪر کائي رهي آهي، سا ڀئي ڪڏهن بہ دباءَ جي مقابلي لاءِ پنهنجو ٻچو ٻچو قربان ڪندي. جيستائين سندس اهنسا ۾ ايمان آهي، تيستائين ڪو بہ اُنڪي تباه ڪري نہ سگهندو ۽ نہ اُنجي مٿان فتح پائي سگهندو.

## سياست ۽ ڌرم

مان ڌرم کانسواءِ سياست جو خيال بہ نٿو ڪري سگهان. حقيقت ۾ ڌرم تہ اسانجي هر هڪ ڪم ۾ سمايل هئڻ گهرجي. هتي ڌرم جو مطلب ڪٽرپڻت سان ناهي.

اُنجي معنيٰ آهي - ”دنيا جي هڪ اخلاقي سٽي جوڙجڪ ٻر شرڌا.“

*　　*　　*　　*

مان ملڪ جي اڪين ۾ ڌوڙ نه وجهندس. مون لاءِ ڌرم ڪانسواءِ سياست ڪا چيز ڪانهي. ڌرم جي معنيٰ وهمن ۽ ابي ڏاڏي ڪان هلندڙ ڳالهين وارو ڌرم ناهي، حسد ڪندڙ ۽ وڙهندڙ ڌرم ناهي، بلڪ عالمگير رواداريءَ جو ڌرم. نيتيءَ کان خالي سياست لياڳ ڪرڻ لائق آهي.

**پرڳڻي واد جو زهر**

اسانکي پرڳڻي واد کي به متانڻ گهرجي. جيڪڏهن اندرا وارا چون ته اندرا اندرا لاءِ آهي، اُتڪل واسي چون ته اُتڪل، اُتڪل واسين لاءِ آهي ته انهيءَ طرح ڪافي پرڳڻي پٽو اچي وڃي ٿو. سچ ته اهو آهي ته * اندرا ۽ اُتڪل ٻنهي کي ملڪ ۽ دنيا لاءِ قربان ٿيڻ واسطي تيار ٿيڻ گهرجي.

**اسان جو فرض**

اسانکي سقراط وانگر جيئڻ ۽ مرڻ سکڻ گهرجي. سقراط سچ پچ هڪ وڏو ستياگرهي هو. هن پنهنجي ئي سماج جي ماڻهن برخلاف ستياگره ڪيو هو جنهجي اُدم سان يونان جي ماڻهن ترقي حاصل ڪئي.

---

* هتي ٻن پرڳڻن جا نالا فقط مثال طور مهاتما جيءَ آندا آهن. سندس اشارو سيني پرڳڻن ڏانهن آهي.

اختياريون ۽ آهن. جڏهن ۾ هو چاهين، تڏهن ملٽريءَ کان مدد وٺي سگهن ٿا. جيڪڏهن سنڌ ۾ پير ڪي رياستون آهن ته هو اُنهن جا پولٽيڪل ايجنٽ آهن ۽ اُنهن جي مٿان وڏا لارڊ آهن.

## انگريز ۽ هندستان

**جهڙ ڇڏيو:-** انگريزو! پڳوان جي واسطي هندستان کي هاڻي سنڌس تقدير تي ڇڏي ڏيو. اسانکي آزاديءَ جو ساھ کڻڻ ڏيو. پرواھ ناهي، جيڪڏهن اها آزادي اسانکي اميريڪا جي انهن غلامن وانگر، جنکي اوچتو آزاد ڪيو ويو هو، تن وانگر پريشانيءَ ۾ وجهي، يا اسان جو ساھ گهٽي؛ مگر اڄ جو هيءُ پوَنگ ۽ پاکنڊ ته ختم ٿي وڃڻ گهرجي.

* * * *

**ڪنهنکي سؤنپيو وڃي؟:-** مان برٽن کي ائين نٿو چوان ته هو هندستان ڪانگريس يا هندن جي هٿن ۾ سؤنپي وڃي. هو اُهو ڏنيءَ جي ڀروسي ڇڏي وڃن يا اڄ ڪلهه جي بوليءَ ۾ چوان ته انڌ ڏنڌ جي هٿن ۾ ڇڏي وڃن. پوءِ يا ته سڀيئي پارٽيون پاڻ ۾ ڪتن وانگر وڙهنديون يا جڏهن ڏسنديون ته ذميواري سچ پچ سندن سر تي اچي پيئي آهي ته پوءِ ناھ جو ڪو رستو اختيار ڪنديون. مان اُميد رکان ٿو ته انڌ ڏنڌ مان اهنسا جو جنم ٿيندو.

* * * *

انگريزن جو ڏهرو پاپ:- جيڪڏهن فوجي هلچل هندستان تي انگريزن جو ضابطو مضبوط ڪندڙ ٿي ته مون کي اُنهي ۾ مخالفت ڪرڻي پوندي. مان اينرو سمجهي ناهيان، جو پنهنجي آزادي وڃائي ۾ مدد ڪندو رهان ۽ نوهانڪي ته مان اهو سمجهائڻ گهران ٿو ته هڪ مردو ڪنهن زنده جي مدد نٿو ڪري سگهي جيستائين طرفدار ملڪ هندستان جي غلاميءَ ۽ حبشين ۽ ٻين آفريڪن ذاتين جي غلاميءَ جي ڏهري پاپ جي ڳنڍڙي پنهنجي ڳات تي کڻي وينا آهن، تيستائين اها دعوا نٿا ڪري سگهن ته هو انصاف لاءِ لڙي رهيا آهن.

* * * *

ساري هندستان جي آزادي:- آزاديءَ بسبت ڪو به ناه ڪري نٿو سگهجي. هن يا هن پارٽيءَ کي ۽ آزاد ڪرڻ سان ڪم لتو هلي سگهي. ساري هندستان جي آزادي ضروري آهي. مان چوانٿو ته هندستان تي قبضو ڪرڻ ئي پاپ هو ۽ هاڻي هندستان کي سندس تقدير تي ڇڏڻ سان ئي اُن گناه کان ڇٽڻ کپي.

* * * *

هندستان قيدخانه مثل:- اوهان * سهڪار جي طلب تا ڪريو پر سهڪار هڪجهڙائيءَ ۽ هڪٻئي ڏانهن وشواس

---

هيءَ ٽڪر وائسراء ڏانهن لکيل خط مان ڪڍيل آهي.

مان پيدا ٿيندو آهي. اڳين تجربن سبب هيءَ سرڪار وشواس وڃائي ويٺي آهي. ڪانگريس جي نهراءَ جو مطلب جنگي ڪوشش ۾ رڪاوٽ وجهڻ ڪين آهي.

سرڪار آزاديءَ ۾ سچ جو گلو دٻائي رهي آهي. سرڪار جا آرڊيننس ڪارا قانون آهن اوهانجي اها بدگماني آهي ته اسانکي توهان جي طاقت ۾ شڪ هو ته توهان هندستان کي بچائي ڪين سگهندا. توهان پلي ڪا بي رياءَ ٽريبونل مقرر ڪري اُنکان فيصلو ڪرايو. ڪانگريس جي حالت ۾ سرڪار ڪيس ڪندڙ، جج ۽ جيلر سڀ ڪجهه پاڻ آهي، سڄو هندستان هڪ قيدخاني مثل آهي، جنهن ۾ ۴۰ ڪروڙ ماڻهو قيد ڪيا ويا آهن. اوهان جيڪي خيال ظاهر ڪيا آهن، اُنهن موجب مان جيل ۾ رهڻ تي ئي راضي آهيان.

## پورن آزادي

جيسين هندستان پنهنجي بچاءَ لاءِ برٽن تي پاڙيندو، تيسين اُنجو درجو پورن آزاديءَ کان گهٽ ئي ٿيندو. هندستان ڪا ننڍي قوم ڪانهي. مان ته هوند چاهيان ته هندستان اڻ ڄاڻايل مدي تاءِ پورن آزاديءَ لاءِ اهسڪ جنگ جوٽي ۽ نه ڪنهن گهٽ ڳالهه تي راضي ٿئي. هندستان تڏهن ئي صلح سانت ۾ آزادي ماڻي سگهندو، جڏهن اُنکي ڪهڙين به طاقتن جي مقابلي ڪرڻ جي شڪتي هوندي.

## باب ٻيو

# اتحاد ۽ فرقيوار مسئلو

„هندستان هڪ پکي آهي، هندو مسلمان اُنجا ٻه کنڀ آهن اڄ اُهي ٻئي کنڀ لڱڙا ٿي پيا آهن ۽ پکي آسمان ۾ اُڏامي آزاديءَ جي اوجل ۽ صحت بخش هوا کائڻ ۾ بيوس ٿي پيو آهي."

### قومي اتحاد

جيستائين ديس جي جدا جدا قومن ۾ اتحاد قائم نٿو قائم ڪيو وڃي، تيستائين سوراج حاصل ڪرڻ ۽ اُهو قائم رکڻ ناممڪن آهي. انهيءَ اتحاد حاصل ڪرڻ لاءِ اِهو ضروري ناهي ته سڀئي قومن ۾ روٽي بيٽيءَ جو ڀيد ميٽجي وڃڻ کپي. هرهڪ قوم کي گهرجي ته پنهنجي پنهنجي خاصيت قائم رکندي، اتحاد حاصل ڪري

* * * *

اهڙي اتحاد لاءِ وڏين قومن کي واجب آهي ته ننڍين

قومن کي سلامتيءَ جي خاطري ڏين. وڏين قومن کي يقين ڏيارين ته وڏين قومن جو رخ اهڙي قسم جو ٿيندو جو سندن ڌرم، بولي، ادب (ساهتيه)، رسم رواج، تعليم خواه پنهنجي حالت ۾ ڪين ڪو نقصان نه رسندو. ها، انهيءَ ڳالهه جو ضرور خيال رکڻو پوندو ته اهي عام ڀلي جا مخالف نه هجن.

*　　　　*　　　　*　　　　*

هندو ۽ مسلمان هميشه لڙندا نه رهندا. جڏهن سندن اڳيان گڏيل مقصد هوندو، تڏهن هو ايڪتا ۾ اچي ويندا.

*　　　　*　　　　*　　　　*

اڄ ته آسمان ڪارن ڪڪرن سان ڇانيل آهي پر اها اميد نه ڇڏيندس ته اهي بادل ٽري پڪڙي ويندا ۽ اسان جي ملڪ ۾ فرقيوار ايڪتا ضرور پيدا ٿيندي. جيڪڏهن مون کان ڪو پڇي ته انجو ثبوت ڏيان ته مهنجو اهو جواب ٿيندو ته مهنجي اميد جو بنياد نه شرڌا (عقيدت) آهي ۽ شرڌا کي ثبوت جي ڪا ضرورت ڪانهي.

*　　　　*　　　　*　　　　*

اسين مقصد تي ترت پهچي سگهون ٿا، ڇاڪاڻ ته اها ايڪتا تمام سچاويڪ آهي ۽ سڀني لاءِ بيحد ضروري آهي. مهنجو انساني سڀاءَ ۾ پورو اعتقاد آهي، انهيءَ ڪري مونکي خاطري آهي ته اها ايڪتا ضرور اچڻي آهي.

## اول آزادي

مهنجي حياتيءَ جو مقصد اهوئي رهيو آهي ته هندو مسلم اتحاد ڪجي. پر جيستائين ڌاريءَ طاقت کي ٻاهر نه ڪڍيو ويو آهي، تيستائين اهو حاصل ڪري نه سگهبو. انهيءَ ڪري خود ارادي جي حق استعمال ڪرڻ جو ٻهرئين ۾ ٻهريون شرط اهو آهي ته اول سڀيئي پارٽيون ۽ سنستائون گڏجي آزادي حاصل ڪن.

جيڪڏهن ڪمبختيءَ وچان سڀ پارٽيون شامل ٿي نه سگهيون ته پوءِ جيڪي پارٽيون يا سنستائون گڏ ٿي سگهيون، تنجي مدد سان ٿي مان ملڪ جي آزاديءَ لاءِ لڙندس.

*　　*　　*　　*

مهنجو اهو محڪم ارادو آهي ته جيستائين ٽيءَ ڌر کي دور نه ڪيو ويو آهي، تيستائين اسين هڪٻئي سان صلح سانت ۾ رهي نه سگهنداسين. پر انهيءَ جي اها معنيٰ نه آهي ته پاڻهنجي وچ ۾ دائمي صلح قائم ڪرڻ لاءِ ڪي رستا ۽ اُپاءَ ڳولڻ جي ڪوشش نه ڪريان.

## سلطنت شاهي رنڊڪ

مسٽر جناح چيو آهي ته هو هندستان جي آزاديءَ ۾ گهڻو چاهه ٿو وٺي پر مونکي ڏسڻ ۾ نه آيو ته اُنتي ايترو زور ڏئي ٿو، جيترو پاڪستان کي ترت تسليم ڪرڻ تي ڏئي ٿو. توهان ڏٺو هوندو ته مهنجو رايو اهو آهي

۽ جيستائين اسان سلطنت شاهيءَ کان آزاد نہ ٿيا آهيون، تيستائين اسان هڪ ٻئي سان آزاديءَ سان ملي نہ سگهنداسين.

## پاڪستان ڪوڙ

مان تہ چئي چڪو آهيان تہ پاڪستان هڪ اهڙو ڪوڙ آهي، جو بيهي ئي نٿو سگهي. جيئن ئي انهيءَ اسڪيم جا ناهيندڙ انکي عمل ۾ آڻڻ وهندا، تيئن کين خبر پوندي تہ اها عمل ۾ آڻڻ جي ڪا چيز ئي ڪانهي.

## هڪ يا ٻہ قومون؟

مون راجاجيءَ جي فارمولا کي من مان ڪڏهن ڇڏيو آهي. هاڻي توهان جي مدد سان مان مسلم ليگ جي مشهور لاهور واري ٺهراءَ تي ڌيان ڏيڻ ٿو چاهيان. توهان اهو قبول ڪندا تہ ٺهراءَ ۾ ٻن قومن جي اصول ڏانهن ڪوبہ اشارو ٿيل ناهي. اسان جي بحث هلندي توهان انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ هندستان ۾ ٻہ قومون هندو ۽ مسلمان آهن، جيئن جيئن ڳالهيون وڌنديون وڃن ٿيون، تيئن تيئن مونکي توهانجي پيش ڪيل صورت حالات خطرناڪ معلوم ٿئي ٿي. تواريخ ۾ اهڙو مثال ڪونہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي، جو هڪ مذهب ٻئي کي ڇڏي ٻئي دين ۾ آيو ۽ پوءِ اُن جا پونئڪ پنهنجن ابن ڏاڏن کان ڌار قوم هجڻ جو حق ڇڪين. جيڪڏهن اسلام جي اچڻ کان اڳ هندستان هڪ قوم هو تہ هاڻي بہ هڪ قوم آهي.

---

١٥ سيپٽمبر ١٩٤٤ تي مسٽر جناح کي لکيل خط مان.

توهين هڪ فاتح قوم جي حيثيت ۾ ڌار قوم هجڻ جو حق ڇڪيندؤ ۽ اسلام قبول ڪرڻ ڪري ئي توهين ائين ڪريو ٿا. سڄو هندستان جيڪڏهن اسلام قبولي ته ڇا پوءِ ٻن قومن مان هڪ قوم ٿي ويندي؟ توهان هي قومن جو سوال نيڪ نه ڇيڙيو آهي. جيڪڏهن مان انکي قبول ڪندس ته پوءِ مونکي ٻين به ڪيترن حقن جو مقابلو ڪرڻو پوندو. ۽ اهڙيءَ طرح معاملو ڪڏهن به حل نه ٿيندو. مکيه ڳالهه اها آهي ته اسين غلام آهيون. جيڪڏهن اسان گڏجي ڪوشش ڪري پنهنجي جند آزاد ڪريون ته پوءِ سڀ جهڳڙا متجي ويندا. تنهنءَ ڏر جي وجهڻ کانپوءِ پاڻي اسان ايترو هيٺ ڪرون، جو ڌار ڌار قومون ٿي وڃون.

## اڃايا سپنا

هندن لاءِ اها اميد رکڻ ته اسلام، عيسائي ڌرم ۽ پارسي مذهب هندستان مان ڪڏهن سگهبو، اهو هڪ فضول سپنو آهي. اهڙيءَ طرح مسلمانن جي به اها اميد ڪرڻ ته ڪڏهن ڏينهن سندن خيال ۾ وينل اسلام جو راڄ سڄيءَ دنيا ۾ ٿي ويندو، سو ڪورو خواب آهي. پر جيڪڏهن اسلام لاءِ هڪ ئي خدا ڪي ۽ انجي پيغمبرن جي انت سلسلي کي مڃڻ ڪافي هجي ته اسان سڀيئي مسلمان آهيون، اهڙيءَ طرح اسان سڀيئي هندو ۽ عيسائي

بہ آهيون. سچ ڪڍهن هڪ مذهبي ڪتاب جي ملڪيت ناهي.

## غلط پرچار

مذهب تہ انسان کي ايشور سان ٻڌي ٿو ۽ انسان کي انسان سان. ڇا اسلام صرف مسلمان کي مسلمان سان ئي ٻڌي ٿو ۽ هندوءَ سان دشمني پيدا ڪرائي ٿو؟ ڇا پيغمبر صاحب جو اُمن جو پيغام فقط مسلمانن لاءِ ئي محدود هو ۽ هندن ۽ غير مسلمانن جي خلاف هو؟ ڇا اڄ ڪروڙ مسلمانن کي اهائي خوراڪ ڏيڻي آهي، جنهنکي مان فقط زهر ئي چئي سگهان ٿو؟ جيڪي ماڻهو اهو زهر مسلمانن جي دلين ۾ ڀري رهيا آهن، اُهي اسلام جي تمام خراب خدمت ڪري رهيا آهن. مان ڄاڻان ٿو تہ اسلام اهو ڪين آهي.

## مونهن ڪيئن ڏيون؟

مان مڃان ٿو تہ ڪافي مسلمان اهڙا آهن، جي هندن کي ڪافر مڃين ٿا ۽ ساڻن ميلاپ نٿا چاهين. مگر مڙيئي مسلمانن جي من ۾ ڇري ڪانہ آهي ۽ ڪيترا اهو بہ مڃيندڙ آهن تہ هندو اسان جا ديس ڀائي آهن ۽ ساڻن گڏجي مسجي رهڻ ۾ ئي ٻنهي جي ڀلائي ۽ ترقي آهي. پر اسانکي تہ اهڙن مسلمانن کان بہ نہ ڊڄڻ کپي، جنجي هٿن ۾ دلين ۾ ڇري هجي. اسان سندن دلين کي بہ جيتيون، جيئن سندن لاءِ بہ اسان تي ڇري هلائڻ ناممڪن

تي پوي. آخر ڇا اسان ٿي انسان آهيون ۽ هو ناهن؟ هڪ ڏينهن انسانيت جو قدر هو به ڪرڻ وارا آهن. اسان جو علاج سندن سمجهه ۾ ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ضرور ايندو. هي سوال دل جي ايڪتا جو آهي.

## باجي جو سوال

هندو ڌرم جي ڪا به رسم اهڙي ناهي، جا بنا باجي وڄائڻ جي ٿي سگهندي هجي. ڪيترين ئي رسمون اهڙيون آهن، جن ۾ اول کان آخر تائين باجو وڄائڻ ضروري آهي. هاڻي، انهيءَ ۾ به هندن کي ايترو خيال ضرور رکڻ گهرجي ته مسلمانن جي دل نه ڏکي. باجو آهستي وڄايو وڃي، گهٽ وڄايو وڃي. اهو سڀ ڏيئي وٽ جي نيتيءَ پٽاندر ٿي سگهي ٿو ۽ ٿيڻ گهرجي. ڪيترن ئي مسلمانن سان ڳالهين ڪرڻ سان مونکي ائين معلوم ٿئي ٿو ته اسلام ۾ اهڙو ڪو فرمان ڪونهي، جنهن ڪري پين جي باجي کي بند ڪرڻ لازمي هجي. انهيءَ ڪري مسجد اڳيان وڌرميءَ جي باجي وڄائڻ سان اسلام کي ڌڪ ڪونه ٿو پهچي ۽ اهو باجي جو سوال جهڳڙي جو بنياد نه ٿيڻ کپي.

ڪيترن هنڌ مسلمان پاڻ زبردستيءَ باجو بند ڪرائڻ ٿا چاهين، اهو برداشت ڪرڻ کان ٻاهر آهي. جا ڳالهه نهٺائيءَ سان ڪري سگهجي ٿي، اها زور زبر سان نٿي ڪري سگهجي. نهٺائيءَ اڳيان جهڪڻ ڌرم آهي، زور زبردستيءَ اڳيان جهڪڻ اڌرم آهي. مار جي ڊپ کان

جيڪڏهن هندو باجو وڄائڻ ڇڏين ته هندو نه رهندا. انهيءَ لاءِ عام نيم ايتروئي ٻڌائي ٿو سگهجي ته جتي هندن جا ٿلهي ٻجهي گهڻي وقت کان مسجد اڳيان باجي بند ڪرڻ جو رواج ڪري ڇڏيو آهي، اُتي ڪين انهي ٻالنا اوس ڪرڻ کپي. جتي هو هميشه باجو وڄائيندا آيا آهن، اُتي ڪين وڄائڻ جو حق هٽڻ کپي. جتي مسلمان بلڪل نه مڃين، يا جتي هندن تي زبردستيءَ ٽيڻ جو انديشو هجي ۽ جتي عدالت باجي وڄائڻ تي بندش نه وڌي هجي، اُتي هندن کي ٻي ڏينهن تي باجو وڄائيندو لنگهڻ کپي ۽ مسلمان چاهي ڪيتري به مارڪٽ ڪن ته هندو اُها سهن اهڙيءَ طرح اُتي جيترا باجو وڄائيندڙ ملن، اُتي سيبيئي پنهنجو بليدان ڪن. انهيءَ ۾ ڌرم ۽ خود داريءَ ٻنهي جي رکيا ٿيندي.

## فسادن وقت فرض

فساد وارن شهرن ۾ اسان پاڻ کي جهنگلي ۽ گيدي ثابت ڪيو آهي. ڪانگريسي طرفن وٺڻ ڪانسواءِ پنهنجي جان سان، بنا هنسا کم آڻڻ جي مصيبت ۾ آيل ماڻهن جي مدد ڪن. گيدي صلح يا آزادي نه آڻي سگهندا. انگريز عا کي چوندس ته خطري واري هند تان ڀڄي نه وڃو. جي منهنجي طريقي جي پيروي نه ڪريو ته بهتر نموني ۾ پنهنجو بچاءُ ڪريو. اها بهادري ناهي، جو اوچتو ڪنهن بي گناهه شخص کي ماريو وڃي، چاڪاڻ ته

هو اسانجي ڌرم جو ناهي؛ يا هندجي ملڪيت ساڙي وڃي. جيڪي ائين ڪن ٿا، سي پنهنجي ڌرم ۽ پاڻ کي لڄي ڪن ٿا ۽ آزاديءَ جو رستو بند ڪن ٿا.

*　　*　　*　　*

مدهن ڪيئن ڏجي؟:- هڙي نازڪ وقت*ڪي مدهن ڏيڻ جا ٻه رستا آهن. هڪ رستو اهو آهي ته ڌڪ جو جواب ڌڪ سان ڏجي. ٻيو رستو آهي ته صبر سان ڌڪ سهجي. پهريون رستو سچيءَ دنيا ۾ اختيار ڪيو وڃي ٿو.

خطري واري هند تان ڀڄي وڃڻ ۾ مردانگي ڪانه آهي. گگدام جانورئي ائين ڀڄندا آهن، جڏهن ڪين هڪاليو ويندو آهي. پر وقتي جانور به مقابلو ڪندا آهن، اسانکي انڪري جهگڙي واري هند تان ڀڄڻ نه گهرجي پر صبر سان ڌڪ سهي مؤت جي سيڄا تي ليٽڻ گهرجي. پر جيڪڏهن اوهان اهو اعليٰ رستو اختيار ڪري نٿا سگهو ته اڳرائي ڪندڙ کي دلپسند مزو چکايو پر اها ڳالهه ياد رکو ته اوهانکي اڳرائي ڪندڙ ڪان ئي حساب ونڻو آهي. ڪو گونڊو يا بدمعاش جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ماري ٿو ته پيا اُنجو بچاءُ ڪرڻ بدران وئي ٿا ڀڄن. مان وري به چوندس ته ڀڄڻ ۾ مردانگي ڪانه آهي. اوهين جيڪڏهن اُن وقت اهنسا سان مقابلو ڪري نٿا سگهو ته بلاشڪ ڌڪ جو جواب ڌڪ سان

---

* فسادن ڏانهن اشارو.

ڏيڻ جو آڏي رستو اختيار ڪريو.

*　　　*　　　*　　　*

سنڌواسي ڇا ڪن؟:- آءٌ هڪ ئي رستي سنڌواسين کي مدد ڏيئي سگهان ٿو. * اُهو اِهو آهي ته ڪين اهنسا جو رستو ڏيکاريان. پر اهنسا هڪ ڏينهن ۾ سکي ڪا نه سگهبي. ٻيو رستو آهي هٿيارن سان جان ۽ مال جي بچاءَ ڪرڻ جو. ايشور اُنهن کي ئي مدد ڪريٿو، جي پاڻ کي مدد ڪن ٿا. سنڌين سان به اهو قانون لاڳو آهي. ڪين ڦورن، حملي ڪندڙن وغيره کان بچاءَ ڪرڻ جو هنر سکڻ گهرجي. هو جيڪڏهن پنهنجي بچاءَ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ڪمزور سمجهن ٿا ته هو اُها جڳهه ڇڏي وڃن، جا سنڌن رهڻ لاءِ سلامتيءَ واري ثابت نه ٿي آهي.

*　　　*　　　*　　　*

هندن جو ٻيو جوابدار:- جيستائين هندو ٻچڙا رهندا، تيستائين جهيڙا ٿيندا ئي رهندا جني ڊرپوڪ ٿئي ٿو، اُتي ٻه ٻچاريندڙ هميشه ميسر ٿي پوي ٿو. هندن کي سمجهڻ کپي ته جيستائين هو ٻچڙا رهندا، تيستائين سندن حفاظت ڪوبه ڪونه ڪندو. ماڻهوءَ جو خوف رکڻ، اهو ڏيکاري ٿو ته اسان جو ايشور ۾ اعتقاد ڪونهي. جنکي اهو وشواس نه هجي ته ايشور اسان جي چوطرف آهي، هر هند حاضر ناظر آهي يا اهو اعتقاد جهڪو هجي،

---

* سنڌ ۾ ٿيل فسادن تي لکيل.

اُهي پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي ڀاڙيندا آهن، هندن کي ٻن مان هڪ ڳالهه حاصل ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن ائين نه ڪندا ته هندو جاتيءَ جي ناس ٿي وڃڻ جو امڪان آهي.

## تپسيا جي راهه

جيڪڏهن اسان مسلمانن جي دل جيتڻ چاهيون ٿا ته اسانکي تپسيا ڪرڻي پوندي، اسانکي پوتر ٿيڻو پوندو. اسانکي پنهنجا عيب دور ڪرڻا پوندا. جيڪڏهن هو اسان سان لڙن ته اسانکي موٽ ۾ وار نه ڪندي همت سان مرڻ جي تعليم سکڻي پوندي. ٻه ٻار ٻچا، زالون ۽ گهر ٻار ڇڏي ڀڄڻ ۽ پڇندي مرڻ، مرڻ نه سڏجيءَ بلڪ اُنهن جي وار اڳيان بيهڻ ۽ کلندي کلندي مرڻ اسانکي سکڻو پوندو.

## جتي ڊڄڻا اُتي جهڳڙالو

ڪانئرتا گناهه آهي. منهنجيءَ دل ۾ شڪ ناهي تہ گهڻو ڪري جهڳڙن ۾ هندن جو هٿ گهٽ آهي. منهنجو پنهنجو انڀوءُ انهيءَ مت جي پٺڀي ڪريٿو تہ مسلمان عام طور اڳرائي ڪن ٿا ۽ هندو اڪثر ڪانئر ٿين ٿا. ريل گاڏين، عام رستن، ۽ جن جهڳڙن ۾ مونکي جاچ ڪرڻي پيئي آهي، اُنهن جهڳڙن ۾ مون ائين ئي ڏٺو! ڇا هندو پنهنجي ڪانئرتا واسطي مسلمانن کي ڏوهه ڏيئي سگهندا؟ جتي ڊڄڻا ڊرپوڪ هوندا، اُتي جهڳڙالو ماڻهو

۽ ضرور هوندا. چون ٿا ته سهارنپور ۾ مسلمانن گهر لٽيا، ڏهوڙيون پڪيون ۽ هڪ استريءَ جو ست ڀڳ ڪيو. اهو ڪهڙو ڏوه هو؟ سچ آهي ته مسلمان اهڙي نفرت جهڙي ورتاءَ جي پٺتي لٺا ڪري سگهن. پر هڪ هندوءَ جي حيثيت ۾ مونکي مسلمانن جي هلت تي رنج بدران هندن جي ڪانئرتا تي وڌيڪ شرم آهي. پنهنجي ملڪيت ۽ شان مان بچائڻ جي ڪوشش ڪندي، انهيءَ گهر جا مالڪ مري ڇو نه ڀي ويا؟

## فرقيوار مقرريون

پبلڪ سنستائن ۾ نوڪرن ۽ آفيسرن وغيره جي مقرريءَ ۾ فرقيوار نيتي اختيار ڪرڻ، انهن ڪاتن جي هوشياريءَ کي ناس ڪرڻ جو طريقو آهي. انلاء ڪنهن ذات پات، ڌرم وغيره جي ڪنهن به ڳالهه جو ويچار نه ڪري، ڪم جي لائقيءَ جو لحاظ ئي مقرريءَ وقت ڪرڻ کپي.

# باب ٽيون

## مالي مسئلو

"عوام جي مالي حالت ۾ هڪجهڙائي پيدا ڪئي وڃي. موجوده وقت ۾ جي وڏا ويڇا آهن، انهن جو هڪ تمام وڏيءَ سماجڪ خرابيءَ جي صورت ۾ مقابلو ڪرڻ گهرجي. ڪنهن تندرست سماج اندر ٿورڙن ماڻهن ۾ ڌن جو ڪنو ٿيڻ ۽ لکن جو بيروزگار ٿيڻ هڪ وڏو سماجڪ گناه يا مرض آهي، جنهنجو علاج اوس ٿيڻ کپي."

### مالي نظام

منهنجي راءِ موجب هندستان جو ۽ ساري سنسار جو مالي نظام اهڙو هئڻ گهرجي، جو انهيءَ بنا ڪاڌي ۽ ڪپڙي جي ڪوبه نه رهي. ٻين لفظن ۾ هر هڪ کي پنهنجي گذر لاءِ ڪافي ڪم ملڻ ئي گهرجي. اهو آدرش تڏهن پورو ٿيندو، جڏهن زندگيءَ جي اوائلي ضرورتن پورين ڪرڻ

جي ذريعن تي عوام جو اڌڪار رهندو. جهڙيءَ طرح ڌڻيءَ جو پيدا ڪيل هوا، پاڻي سڀني کي مفت ميسر ٿي ملي ٿو يا ملڻ گهرجي، تهڙيءَ طرح اهي وسيلا به سڀني کي بنا روڪ ٽوڪ جي ملڻ گهرجن.

*     *     *     *

مالي برابريءَ جي ڪوشش جي معنيٰ آهي پونجي (سرمايه) ۽ پورهئي (مزدوري) جي پراڻيءَ مخالفت کي ناس ڪرڻ. انجو مطلب هيءُ آهي ته هڪ طرف جن ٿورن سرمايه دارن جي هٿ ۾ ملڪ جي ڌن جو گهڻو ڀاڱو ڪٺو ٿيو آهي، اُهي هيٺ ڀرو لهن ۽ جيڪي ڪروڙين ماڻهو ننگا ۽ بکيا آهن، اُهي مٿي چڙهن. جيستائين مالدار ماڻهن ۽ بکايل عوام جي وچ ۾ ايڏا وسيع ڪاهي موجود آهي، تيستائين اهنسڪ حڪومت جو طريقو بلڪل ناممڪن آهي. نئين دهليءَ جي راڄ محلن ۽ غريب مزدورن جي جهوپڙين جي وچ ۾ جو شاهي تفاوت آهي، اُهو آزاد ڀارت ۾ هڪ ڏينهن به بيهي ڪين سگهندو، ڇاڪاڻ ته اُنوقت غريبن کي اوترو ئي ملندو، جيترو وڏي ۾ وڏي شاهوڪار کي. جيڪڏهن پونجيءَ جو ۽ پونجيءَ مان ٿيڻ واريءَ طاقت جو خوشيءَ سان تياڳ نه ڪيو ويندو ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ اُنهن جي پوري ورڇ نه ڪئي ويندي ته خوني انقلاب ۽ خونريزي ضرور ٿيندي. منهنجي ٽرسٽي شپ جي اصول جي جا مذاق

انهيءَ تي مهاتما کان پڇيو ويو ته جيڪڏهن اسان اهڙيون مشينون منظور ڪريون ته اسانکي انهن مشينن جي ٺاهڻ لاءِ ڪارخانن کي به قبول ڪرڻو پوندو نه؟ مهاتما وراڻيو هائو، مگر اهڙا ڪارخانا ڪڏهن به شخصي ملڪيت نه ٿيندا، بلڪ سرڪاري ملڪيت ٿيندا. اينترو سوشلسٽ مان آهيان."

## ڳوٺن جي ستيا ناس

اسانجي سامهون جيڪي ٿي رهيو آهي، اهو اسين ڏسي رهيا آهيون. اٽي جون ننڍيون ننڍيون ملون هٿ جي چڪين کي، تيل جون ملون ڳوٺ جي گهاڻن کي ۽ ڪپڙ جون ملون ڳڙ ٺاهڻ جي ڳوٺاڻن ذريعن کي ناس ڪري رهيون آهن، ڳوٺاڻي پورهئي جي اٿين ختم ٿيڻ ڪري ڳوٺاڻا ڪنگال ٿي رهيا آهن ۽ شاهوڪار ماڻهو مالدار ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن ڪافي ڏگهي عرصي تائين اهو سلسلو هلندو رهيو ته پوءِ ڪنهن ڪوشش ڪانسواءِ ئي ڳوٺن جي ستيا ناس ٿي ويندي.

## آدرش ڪهڙو؟

گهٽ ۾ گهٽ پورهيو ڪري دنيا جا سڀيئي ماڻهو هڪجهڙي يا سٺي ۾ سٺي زندگي گذارين، انهيءَ آدرش لاءِ ڪوشش ڪرڻ گويا آسمان جا گل پٽڻا آهن. سٺي ۾ سٺي يعني زياده ۾ زياده سٺي - عيش پري زندگي، سڀني لاءِ اهڙيءَ نامناسب زندگيءَ جو خيال نٿو ڪري

سکهجي. ساري مريادا ڇڏي وڃي تہ آخر ماڻهو ڪٿي وڃي پهچندو؟ انهيءَ ڪري ويدواڪيہ انڪان نيڪ اُلٽو آهي - "اوچ ويچار- سادي رهت." اهوئي سچو منتر آهي ... هندستان جي ڪروڙين ماڻهن لاءِ اسان آمدنيءَ جي هڪ اهڙي حد ٻڌي سگهون ٿا، جو گهٽ ۾ گهٽ اوترو تہ سڀني کي ملي. انهيءَ آدرش تي پهچڻ جو خيال ڪري سگهجي ٿو پر انهيءَ آدرش کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ضروري آهي.

## ساميواد ۽ گانڌي اصول

مهاتما گانڌيءَ کان پڇيو ويو تہ توهان جي مت ۽ ساميواد ۾ ڪهڙي برابري ۽ ڪهڙو تفاوت آهي. جواب ۾ چيائين تہ "برابري تہ ڪافي آهي. "سڀئي ڀومي گوپال ڪي" تي وڃي، اهو تہ مان بہ چاهيان ٿو. ساري پونجي پرجا جي آهي، اهو بہ مان قبول ڪريان ٿو. تفاوت هي آهي تہ هو چوين ٿا تہ انجي شروعات اسان سڀيئي گڏوگڏ ڪريون، مان چوانٿو تہ پنهنجي شخصي هلت ۾ تہ اسانکي انجي شروعات ترت ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسانجي اهڙي شرڌا آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ اسان پنهنجي جائداد تہ سماج کي ارپڻ ڪري ڇڏيون، هڪ ڪوڏي بہ جيسيتاءِ ڪو رکندو، تيسيتاءِ اهو ساميوادي ناهي. هو قانون کان ڪم وٺڻ ٿا چاهين. قانون ۾ دباءُ ٿيندو. اڄ هو اهو سڀ جو لٽا چون، انجو ڪارڻ تہ اهو آهي، جو

اها سندن وس جي ڳالهه ڪانهي- بيوس ساڌو آهن. ڪميونسٽ - ساميوادي - زبردستي ڪرڻ چاهين ٿا پر هو لاچار آهن. اسان ڊيموڪرئٽڪ - لوڪشاهي وادي - آهيون."

ساميواديءَ ۽ مون ۾ هي وڏو فرق آهي. اُنهجو اصول آهي ته پهرياءِ ساريءَ دنيا کي پنهنجي خيال جو ڪريون ۽ پوءِ سيئي ڪريون. هڪ هڪ جي عمل ڪرڻ جي ڪا ڳالهه سندن اسڪيم ۾ ڪانهي. اهنسا جو اهو مارگ ڪين آهي. اُنجي شروعات شخصي عمل سان ٿي سگهي ٿي.

## ڪلاس وار لڙائي

اهو چوڻ صحيح ناهي ته مان ڪلاس وار لڙائيءَ جي هستيءَ ۾ اعتبار نٿو ڪريان. جنهن ڳالهه ۾ مان وشواس نٿو ڪريان، اُها آهي ڪلاس وار لڙائيءَ کي ڀڙڪائڻ، جوش ڏيارڻ ۽ اُها جاري رکڻ. ڏينهون ڏينهن منهنجو اهو وشواس وڌندو ئي وڃي ٿو ته ڪلاس وار لڙائي ٿيڻ نه ڏيڻ بلڪل ممڪن آهي. مزدورن جي پنهنجي پورهئي جي عزت سڃاڻندي ئي پئسو پنهنجي مناسب جڳهه وٺندو... چاڪاڻ ته پئسي ڪارڻ پورهئي جو ملهه زياده آهي.

### بکيا بجاءِ پورهيو

ننگن کي جنهجي ضرورت ناهي، هڙا ڪپڙا ڏيئي مان سندن بي عزتي ڪرڻ نٿو چاهيان. مان اُن بدلي

کين ڪم ڏيندس، ڇاڪاڻ ته اُنهي کين سخت ضرورت
آهي مان سندن اُجهو ڏيندڙ ٿيڻ جو پاپ ڪڏهن به نه
ڪندس. مگر اهو محسوس ڪرڻ تي ته کين تباهه ڪرڻ
۾ منهنجو به هٿ رهيو آهي، مان کين سماج ۾ عزت
ڀري جڳهه ڏيندس. کين جوٺ يا رهيل کهيل کاڌو هرگز
کين ڏيندس. مان کين پنهنجي سٺي ۾ سٺي کاڌي ۽
ڪپڙي ۾ حصيدار ڪندس ۽ سندن محنت ۾ خود
حصو وٺندس.

* * * *

بنا مناسب محنت جي ڪنهن به چڱي ڀلي ماڻهوءَ
کي مفت ۾ کاڌو ڏيڻ منهنجي اهنسا برداشت ئي نٿي
ڪري سگهي. جيڪڏهن منهنجو وس هلي ته جتي
مفت کاڌو ملي ٿو، اهڙو هرهڪ سداورت يا اَن ڇيتر
مان هوند بند ڪرائي ڇڏيان. انهيءَ سببان راشٽر جي
زواليت تي آهي ۽ سستي، پاکنڊ ۽ گڏهگاريءَ کي مدد
ملي آهي.

## شاهوڪار ۽ ڌن

هڪ ڀيري مهاتما ظاهر ڪيو هو ته شاهوڪارن کي
پاڻکي ڌن جو ٽرسٽي سمجهي، ڪفائت سان پاڻ لاءِ
خرچ ڪرڻ گهرجي ۽ باقي ڌن پراُپڪار ۾ لڳائيندو رهڻ
کپي. اُنتي ڪانئس ڪنهن سوال ڪيو ته ڌارمڪ اُپاون
سان لکين روپيه ڪيئن ٿا ڪمائي سگهجن؟ سرڳواسي

شري جمنالعل بجاج چوندو هو ته ڌن ڪمائڻ ۾ پاپ نه ٿئي ٿو. شاهوڪار ڪيترو به شريف ڇو نه هجي ته به هو پنهنجو ڪمايل ڌن، پنهنجي اصلي ضرورت کان ڪجهه وڌيڪ خرچ ڪري ٿي وهي ٿو. اهو به پاپ آهي. انهيءَ ڪري ٽرسٽي ٿيڻ جي ڳالهه ڇڏي، شاهوڪار نه ٿيڻ تي ئي زور ڇو نه ڏنو وڃي؟

مهاتما جواب ڏنو ”سوال سٺو آهي. شري جمنالعل جو چيو ته ڌن ڪمائڻ ۾ پاپ نه آهي ئي، سا ڳالهه ٺيڪ اهڙي آهي، جهڙي گيتا ۾ چئي ويئي آهي ته سڀ آرنڀ (شروعاتون) دوش پريل آهن. منهنجو اهو ويساه آهي ته جاڻي ٻجهي پاپ نه ڪرڻ سان به ڌن ڪمائي سگهجي ٿو. مثال طور، جيڪڏهن مونکي پنهنجي هڪ ايڪڙ ڀڄيءَ ۾ سون جي کاڻ ملي وڃي ته مان شاهوڪار ٿي پوندس. مگر ڌنوان نه ٿيڻ تي ته منهنجو زور آهي ئي. مون جو ڌن ڪمائڻ ڇڏي ڏنو، اُنجو مطلب اهو آهي ته مان پين کان به ڇڏائڻ گهران ٿو. مگر جيڪي ڌن ڪمائڻ جي خواهش نٿا ڇڏين، تنکي مان ڇا چوان؟ اُنهن کي مان اِهوئي چئي سگهان ٿو ته هو پنهنجي ڌن جو استعمال شيوا لاءِ ڪن. اهو به ٺيڪ آهي ته ڌنوان ڪوشش ڪندي به اڪثر پنهنجي غريب ساٿين جي مقابلي ۾ ڪجهه زياده خرچ ڪندو ئي. مگر اهو ڪو نيم ڪونهي. مون اهڙا سوين شاهوڪار ڏٺا آهن، جي پنهنجي لاءِ

ڏاڍا ڪنجوس ٿين ٿا.

* * * *

شاهوڪارن جي ٻارن جي باري ۾ مونکي اهو چوڻو آهي ته شاهوڪار ماڻهو پنهنجيءَ سنتان لاءِ ڌن جي روپ ۾ ڪجهه نه ڇڏين. ها، کين سٺي تعليم ڏين، روزگار ڌنڌي لاءِ تيار ڪن ۽ پاڻ تي آڌار رکندڙ بڻائين. اسانکي اها شرڌا رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن اسين پنهنجي غريبيءَ ۾ خوش رهنداسين ته شاهوڪار به اسان جو نقل ڪندا.

* * * *

شاهوڪارن کي چتاءُ:- شاهوڪارن کي پنهنجو فرض سوچڻ گهرجي. جيڪڏهن پنهنجيءَ جائداد جي حفاظت لاءِ اُنهن سپاهي وغيره رکيا ته ممڪن آهي ته دولت جي هنگامي ۾ رکيا ڪندڙ اُئي سندن ڪائيندڙ ٿي وڃن. انهيءَ ڪري شاهوڪارن کي يا ته هٿيار هلائڻ سکڻ کپن يا اهنسا جو ورت وٺڻ گهرجي. انهيءَ ورت وٺڻ جو سڀ کان اعليٰ منتر آهي "تين تيڪتين ڀنجيٿا" (اُپنشد) يعني پنهنجي دولت جو تياڳ ڪري تون اُنکي ڀوڳ. اهو وستار سان سمجهائي چوان ته ائين چوندس ته ڪروڙين روپيه خوشيءَ سان ڪماءِ، مگر سمجهه ته تنهنجو ڌن فقط تنهنجو ناهي، ساريءَ دنيا جو آهي؛ انهيءَ ڪري تنهنجون جيتريون سچيون گهرجون هجن، اُنهن پورين

ڪرڻ بعد، جيڪي بچي، اُهو سماج لاءِ ڪم آڻ. صلح جي معمولي حالت ۾ ته انهيءَ نصيحت تي عمل نه ٿيو، مگر تڪليف جي هن وقت ۾ به جيڪڏهن شاهوڪارن اُنکي اختيار نه ڪيو ته دنيا ۾ هو ٻڌهجي ڏنءِ پوڻ جا غلام ٿي رهي سگهندا ۽ آخر ۾ بدني طاقت وارن جي غلاميءَ ۾ ٻڌجي ويندا.

انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته هن لڙائيءَ جي انت ۾ شاهوڪارن جي پڄاڻي ٿيڻ واري آهي ۽ غريبن جو سڪو ڄمڻو آهي، پوءِ اُهو چاهي بدني طاقت سان ٿئي يا روحاني طاقت سان. بدني طاقت سان حاصل ڪيل طاقت انساني سرير وانگر ناسونت ٿيندي پر روحاني طاقت سان حاصل ڪيل طاقت آتما وانگر اجر- امر رهندي.

* * * *

سلطنتشاهيءَ جا ٿنڀا:- اميريڪا جي راڪفيلر کان هندستاني راڪفيلر سئو ٿيندو، اهو سمجهڻ ڀل آهي. سچ ته اهو آهي ته مفلس هندستان آزاد ٿي سگهي ٿو مگر اخلاق گنوائي، شاهوڪار ٿيل هندستان جو آزاد ٿيڻ محال آهي.

انگريزي راڄ کي قائم رکڻ وارا اهي شاهوڪار ئي آهن، چاڪاڻ ته سندن مطلب انهيءَ ۾ آهي. پئسو ماڻهوءَ کي پيئو بڻائي ٿو.

* * * *

مايا ميڙڻ چوري:- هر هڪ محنتي ماڻهوءَ کي گذران حاصل ڪرڻ جو حق آهي، مگر ڌن ميڙڻ جو ڪنهن کي به حق ڪونهي. سچ پڇجي ته مايا ميڙڻ چوري آهي. جو گذر ڪان وڌيڪ ڌن ميڙي ٿو، اهو ڄاڻ يا اڻڄاڻائيءَ ۾ ٻين جو گذران ڦري ٿو.

## چرخو ۽ کادي

مونکي دانهون پهتيون ملن ته ڪيترا ڪانگريسي کادي ته پهرين ٿا پر چرخا نه هلن جون شيون ننڍا ڪم آهين. اڪثر مون پڇي ڇپو آهي ته کادي مرڪزي سورج آهي ۽ ٻيا ڳوٺاڻا هنر انجي چوڌاري گرهن جيان چڪر هڻن ٿا. کادي مکيه ڳوٺاڻو هنر جو هنر آهي. کاديءَ جي موت سان ڳوٺن جو موت آهي ۽ ان سان گڏ اهنسا جو. جيڪڏهن اسانکي سوراج جو بنياد اهنسا تي وجهڻو آهي ته اسانکي ڳوٺن کي پوري جڳه ڏيڻ کپي.

## غريبيءَ جو ڪارڻ

هندستان جي عام جنتا جي سخت غريبي گهڻي قدر انکري آهي، جو اسان سوديشيءَ کي وسارڻ جي گهاتڪ نيتي اختيار ڪئي. هندستان کان ٻاهران جيڪڏهن واپار جي ڪا به شيءِ نه اچي ته هندستان ۾ کير ۽ ماکيءَ جون ڌارائون وهنديون ڏسڻ ۾ اچن.

# باب چوٿون

## استريون

”جيڪڏهن هوءَ اهو ويچار ڇڏي ڏئي ته هوءَ خود ابلا آهي ۽ مرد جي ڪيڏڻ جي گڏيءَ هئڻ لائق آهي ته هوءَ خود پنهنجو ۽ مرد جو (پوءِ اهو چاهي سندس پتا هجي، پٽ هجي يا پتي هجي) جنم سڌاري سگهي ٿي ۽ پنهي لاءِ هن سنسار کي سرس سکدائي بنائي سگهي ٿي.“

### استريءَ جي اهميت

استري ڇا هي؟ ساکيات تياڳ مورتي آهي. جڏهن ڪا استري ڪنهن ڪم ۾ دل وجان سان لڳي وڃي ٿي، تڏهن اها پهاڙ به ڏوڙي ڇڏي ٿي.

*　　　　*　　　　*　　　　*

استريءَ کي ابلا چوڻ سندس بي عزتي ڪرڻي آهي. انکي ابلا چوڻ سانس بي انصافي آهي جيڪڏهن طاقت

جو مطلب حيوانِي طاقت آهي ته لاشڪ مرد جي مشابهت ۾ زال ۾ گهٽ حيوانيت آهي. پر جيڪڏهن انجو مطلب اخلاقي طاقت سان آهي ته اوس ئي مرد جي ڀيٽ ۾ استري گهڻو طاقتور آهي. ڇا زال ۾ مرد جي مشابهت ۾ زياده تياڳ ناهي؟ ڇا هنجو آتم تياڳ مرد کان وڌيڪ ناهي؟ هن ۾ برداشت ڪرڻ جي طاقت جي ڪمي آهي؟ همت ڪانهيس؟ بنا استريءَ جي پرش ٿي نٿو سگهي جيڪڏهن اهنسا اسانجي زندگيءَ جو منتر آهي ته ڇوٽو پوندو ته ملڪ جو مستقبل زالن جي هٿ ۾ آهي.

* * * *

مان تسليم ڪريانٿو ته مرد صابر ڪم ڪندڙ آهي مگر مان انهيءَ چوڻ جي جرئت ڪري سگهان ٿو ته انهيءَ ڳالهه ۾ استريون کانئن گهٽ ڪين آهن. منهنجي سکيا اها آهي ته هرهڪ عورت کي بهادر، سچي ۽ پوتر ٿيڻ سکڻ گهرجي، پوءِ دنيا ۾ ڪو به انهيءَ استريءَ جي برابر ٿي نٿو سگهي، ڇا صاف دل ۽ پوتر آهي.

## زال مرد جو ناتو

منهنجي لاءِ آدرشي زال سيتا آهي ۽ آدرشي گهوٽ رام. پر سيتا ڪڏهن به رام جي غلام نه رهي. ٻئي هڪٻئي جا غلام هئا. جتي سچو پيار آهي، اتي اهي سوال اٿندا ئي نه آهن. پر ڪيترن هندو گهرن ۾ زال کي مرد پنهنجي ملڪيت ڪري سمجهندو آهي ۽ زال ٻانڪي ڏبي وهندي آهي.

منهنجي خيال ۾ زال کي هرڪو حق آهي پنهنجي رستي اختيار ڪرڻ جو. ميران ٻائيءَ اسانکي اها واٽ ڏيکاري آهي. پوءِ انهيءَ واٽ وٺڻ ۾ جيڪي اُگرا نتيجا نڪرن، سي اسانکي سهڻائي آهن.

*　　　*　　　*

گهوٽ جي گناهن ۾ زال ڀاڱي ڀائي ٿيڻ لاءِ ٻڌل ناهي. جيڪڏهن زال ڪا ڳالهه گناه ڪري ٿي ليکي ته ڪيس صحيح ڳالهه ڪرڻ جي جرئت ڌارڻ گهرجي. ٻي هڪ ڳالهه خيال ۾ رکڻي آهي. مرد جو ڪم آهي ڪمائڻ. زال جو ڪم آهي گهر سنڀالڻ. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪٽنب اڳيو گوشت کائو آهي ته زال ڪٽنب لاءِ رڌڻ لاءِ ٻڌل آهي پر جيڪڏهن ڪٽنب سمورو ويشنو آهي ۽ رڳو مرد گوشت کائو ٿئي تو ۽ زال کي زوريءَ گوشت رڌڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري ته زال کي گوشت رڌڻ کان انڪار ڪرڻ جو هرڪو حق آهي.

*　　　*　　　*　　　*

استري مرد جي غلام ناهي، هوءَ ارڌانگني (اَڌ سريري) سهڌرمڻي آهي. اُنکي ساٿي سمجهڻ گهرجي.

*　　　*　　　*　　　*

زال ۽ مرد جا ڪم جدا:- زال ۽ مرد جي هڪجهڙائيءَ جي اها معنيٰ نه آهي ته ٻئي ساڳيو ڪم پيا ڌنڌو ڪن. زال کي ڀالي هلائڻ يا جنگ جي ميدان ۾ ڪوس ڪرڻ جي قاعدي ۾ منع نه هئڻ کپي پر زال ازخود انهيءَ ڪم

کان مٿهين موڙيندي، جو ڪم مرد جي ڏانو جو هوندو. قدرت زال مرد کي پيدا ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ ته ٻئي هڪٻئي جي گهٽتائين جي پورائي ڪن. پر زال ۽ مرد جي جهڙيءَ طرح بناوت نرالي آهي، تهڙيءَ طرح هنن جا ڪم به علحدا آهن. اها هڪ حقيقت آهي ته هندستان ۾ لکها زالن لاءِ ڪتڻ هڪ سياويڪ ڪم آهي. منهنجي دلي چاهنا اها آهي ته منهنجي مستقبل جي لشڪر ۾ مردن کان گهٽو گهٽو وڏيڪ زالون هجن. مردن جي هنسا کان دنيان ڊڄان ٿو. زالن جي لشڪر ۾ مونکي خاطري آهي ته هنسا ٿيڻي نٿي ڪانهي.

## ست جي رکيا

سڀ کان مکيه ڳالهه آهي ته استريون بيخوف ٿيڻ سکن. منهنجو اهو پڪو ويساه آهي ته ڪا به استري جا بي ڊپي آهي ۽ جا چڱيءَ طرح ائين سمجهي ٿي ته سندس پوترتا ئي ست جي سڀ کان اعليٰ ڍال آهي، ته اُنجو ست بلڪل محفوظ رهي ٿو. اهڙيءَ استريءَ جي تيج کان ئي "حيوان مرد" منجهي ويندو ۽ شرم ۾ ٻڏي ويندو. هن ليک جي پڙهندڙ ڀينرن کي منهنجي سفارش آهي ته هو پاڻ ۾ اهڙي همت پيدا ڪن.

*  *  *  *

سچو ست نه اُن استريءَ جو ٿئي ٿو، جا اُنهن شاملراءِ ٿئي ٿي، مگر جا مخالفت ڪندي به زخمي ٿئي ٿي،

اُن ۾ بسبت ست ڳُڻ بجاءِ ائين چوڻ وڌيڪ مناسب آهي ته اُنتي زوري تي. ست ڳُڻ يا ويچار لفظ بدنامي ڪندڙ آهن، اُنهي ڪري اُهي زوري ۾ ست ٽوڙڻ جي معنيٰ وارا لڳا چئي سگهجن.

## ڇوڪرين ۾ حفاظت

... مونکي اهو به ڊپ آهي ته اڄ ڪلهه جي ڇوڪري ۾ ڪي به ته اليڪ مڇن جي لعلي ٿيڻ پسند آهي. اڄ ڪلهه جي ڇوڪري برسات يا اُس کان بچڻ جي خيال کان نه بلڪ ماڻهن جو ڌيان پاڻ طرف ڇڪڻ لاءِ طرح طرح جا ڪپڙا پهري ٿي. هوءِ پاڻکي رڱي، قدرت کي به مات ڪرڻ ۾ غير معمولي حسين ٿي ڏيکارڻ چاهي ٿي. اهڙين ڇوڪرين لاءِ ڪو اهنسڪ رستو ڪونهي... مگر جيڪڏهن کين معلوم ٿيڻ لڳي ته سندن شرم ۾ ڏرم تي حملي ٿيڻ جو خطرو آهي ته مڃهن اُنهيءَ حيوان انسان اڳيان پاڻ سؤنپڻ بجاءِ مرڻ جي به همت هئڻ جڳائي.

## زال جي عزت ڪيئن ٿي بچائي سگهجي؟

انهيءَ سوال تي ٻن خيالن کان بحث ڪري سگهجي ٿو. پهريون ته زال پنهنجي عزت پاڻ ڪيئن ٿي بچائي سگهي ۽ ٻيو ته مرد ڪيئن ٿا سندس عزت بچائي سگهن.

(١) هاڻي جتي جتي اهنسڪ وايو منڊل آهي يا جتي اهنسا جو پرچار آهي، اُتي زال پاڻکي ڪڏهن به ٻئي جي آڏين يا ڪمزور يا بيوس لڳي سمجهي. جيڪڏهن

زال سچ پچ پوتر آهي ته پوءِ هوءَ ڪڏهن به بيوس ڪانهي. سندس پوترتائي کيس سندس طاقت جي شناس ڪرائي ٿي.

مون سدائين ائين پئي سمجهيو آهي ته اهو ناممڪن آهي ته زال کي سندس مرضيءَ برخلاف ڪو بڇڙائي سگهي ٿو. اهو فقط تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن زال يا ته ڪنهن ڊپ جي اثر هيٺ آهي يا ته پنهنجي اخلاقي جرئت يا قوت کان غيرواقف آهي. جيڪڏهن هوءَ اتياچاريءَ جي جسماني بل سان نٿي پڄي سگهي ته پوءِ سندس پوترتائي کيس ايترو بل ڏيندي، جو اڳلو ڪجهه ڪري نه ڪري، تنهنکان اڳ هوءَ پنهنجا پران تياڳي ڏيکاريندي.

توهين سيتا جو مثال وٺو. بدني طور هوءَ راوڻ جي ڀيٽ ۾ گهڻو ڪمزور هئي پر سندس پوترتائيءَ اڳيان راوڻ جي راڪسي طاقت به پهچي نه سگهي. راوڻ ڪيتري ئي ڪوشش ڪئي ته کيس ڏياريان پر سيتا جي مرضيءَ کانسواءِ هو کيس ڇهي به نه سگهيو. پر ٻئي پاسي جيڪڏهن زال رڳو پنهنجي بدني بل تي يا ڀاڙي يا هٿيارن کان ڪم وٺي ته پوءِ شايد هوءَ گهڻو ڏک نه جهلي سگهي.

(٢) ٻئي سوال جو جواب ته تمام سولو آهي. پيءُ، ڀاءُ، گهوٽ يا سڱتي، حملي ڪندڙ ۽ زال جي وچ ۾ بيهي وڃي. پوءِ هو يا ته حملي ڪندڙ کي سندس خراب

خيال کان روڪيندو يا تہ زال کي بچائڻ ۾ پاڻ کي مارائڻ لاءِ تيار ٿيندو. ائين پنهنجي حياتيءَ ڏيڻ سان نہ رڳو هو پنهنجو فرض ٿو پورو ڪري پر زال کي بہ بيٺي همت ٿو ڏئي.

## پردو ۽ پوترتا

پوترتا کو پردي جي اوٽ ۾ رکڻ سان ڪين ٿي قري ڦُولي. ٻاهران اها مڙهي نٿي سگهجي. پردي جي ديوار سان اُنجي حفاظت نٿي ڪري سگهجي. اُها تہ اندران ئي پيدا ٿيندي ۽ اُنجو جيڪڏهن ڪجهہ ملهہ آهي تہ اُها هر قسم جي ري ڪونيل ڪشش جي مقابلي ڪرڻ لائق هئڻ کپي. اُها تہ سيتا جي پوترتا جهڙي مضبوط ٿيندي. جيڪڏهن اُها مردن جي نظر سهي نہ سگهي تہ اُنکي تمام معمولي ڳالهہ ڄڻبو.

* * * *

پردي جي خرابيءَ بنسبت مان لکي چڪو آهيان. اها رسم هر طرح ذکدائي آهي. تجربي مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ استريءَ جي رکيا ڪرڻ بجاء اها استريءَ جي تن ۽ من کي نقصان پهچائي ٿي.

## زيور

زيورن جي پيدائش جو مون جيڪو خيال ڪيو آهي، اُهو جيڪڏهن نيڪ آهي تہ اَهي چاهي کهڙا بي[illegible]، ۽ خوبصورت چو نہ هجن، تہ بہ هر حالت ۾ تياڳڻ لائق

آهن. هٿڪڙي سون جي هجي يا هيرن موتين سان جڙيل هجي، آخر ته هٿڪڙي ئي آهي. اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪريو يا محل ۾ رکو، ٻنهي ۾ رکيل زالون-مرد قيدي ته چيا ئي ويندا.

* * * *

جن عام ميڙن ۾ مان ويندو آهيان ۽ جعي زالون اچي گڏ ٿينديون آهن، اُتي مان ڪوشش ڪندو آهيان ته زالن کان جي سگهي ته، ته به گهٽي قدر سندن زيور هٿ ڪريان. هن ملڪ ۾ جعي ٨٠ سيڪڙو ڪان وڌيڪ ماڻهو بکه ۾ پيا پاه ٿين، ۽ ٻين کي اڌو گابرو هڪ وقعو کاڌو ٿو ملي، اُتي زالن کي زيورن سان جهڄهيل ڏسندي ارمان پيو ٿئي. هندستاني زال کي ڪجهه به نقد ڪولهي، جنهنکي هوءَ پنهنجو سڏي سگهي پر جواهرات جيڪا هوءَ پائي ٿي، سا سندس آهي. جيتوڻيڪ هنکي همت ڪانهي، جو هوءَ پنهنجي مڙس جي موڪل کانسواءِ ڪي به زيور ڪنهنکي به ڏيئي سگهي. اهي زيورئي آهن، جي هوءَ ڪنهن سٺي ڪم لاءِ ڏيئي سگهي ٿي. ڪيترا زيور ته بد زيبا آهن.

زيورن ونڃ مهل مان زالن کي هڪڙو شرط وجهندو آهيان ته هو اهي زيور وري ڀيهر نه ٺهرائينديون. سچ پچ زالن ٻاڻ مونکي آسيس ڏيئي ڪئي آهي، جو مون کين الهن شين کان ڇڏايو آهي، جن کين ڪيتري وقت

کان غلام پڻ رکيو آهي. ڪيترن ئي مردن مهذبا شڪرانا پڻ مڃيا آهن، جو مون سندن گهرن ۾ سادگي آندي آهي.

## ڏيتي ليتيءَ جي ڪُڌي رسم

سنڌ جا عامل سنڌ ۾ سڀني کان سڌريل ليکيا ويندا آهن پر تڏهن به اُنهن ۾ ڪي اهڙيون خاميون آهن، جنجو چٽڪ هتي نيڪو ڪيو ٿو ڏسجي. ڏيتيءَ ليتيءَ جي رسم اُنهن خامين مان هڪ آهي... مونکي هڪ به عامل نه سجهي، جو هن خراب رسم جي فائدي ۾ هجي پر تڏهن به اها ڪُڌي رسم هلندي پئي آئي آهي، ڇاڪاڻ ته پڙهيل جوان اُنهي پنيرائي پئي ڪئي آهي... نوجوان پڙهيل عامل جوان ڇوڪرين جي مائٽن کان پئسا پيڙي ونئي سگهن ٿا، ڇاڪاڻ ته انهيءَ رسم خلاف اڃا ڪو، زبردست عام رايو ڪونهي. انهيءَ ڳالهه لاءِ اسڪولن، ڪاليجن ۽ ڇوڪرين جي مائٽن ۾ پرچار ڪرڻ کپي. مائٽن کي پنهنجي ڌيئن کي اهڙي سکيا ڏيڻ کپي، جيئن جيڪو به ڇوڪرو شاديءَ لاءِ قيمت گهري، تنهن سان ڇوڪريون شادي ڪرڻ کان انڪار ڪن ۽ اهڙن بي عزتيءَ جي شرطن قبولڻ کان ڪنوارو رهڻ پسند ڪن. شاديءَ لاءِ عزت پريا شرط رکيو آهي ته ٿي سگهن ٿا ته ٻئي ڌريون هڪٻئي لاءِ پيار ڌارين ۽ هڪٻئي لاءِ قبولدار هجن.

## زالن جو سينگار

جيڪڏهن مان زال هجان ها ته مان جيڪر انهيءَ خيال جي خلاف بلوو ڪريان ها ته زال مرد جو هڪ رانديڪو آهي. مان سرير کي نه ته به مالڪ طرح زال تي ويو آهيان ۽ انهيءَ ڪري ئي زالن جو گهڻو ڏيان ڇڪي سگهيو آهيان.

... گهڻو ناه نوه نه ڪريو. عطر ۽ لويعدر ڪم نه آڻيو. عطر ڇهڙي خوشبوءِ توهان جي دل مان پيدا ٿيڻ گهرجي. جيڪا نه فقط مرد کي هٿ ڪري سگهو پر سڄي انسان ذات به توهان جي وس ۾ رهي. اهو توهان جي جنم جو حق آهي. مرد زال جي پيدائش آهي هنجوئي رت آهي. وري انهيءَ درجي تي چڙهو ۽ پنهنجو پيغام پهچايو.

## باب پنجون

# شاگرد

”جيڪڏهن توهان کي لوڪ- شيوا ۾ پنهنجي تعليم جو پنهنجي ڄاڻ جو استعمال ڪرڻو آهي ته توهان ۾ ڪٽرت جو هنر تمام ضروري آهي.“

### شاگرد ۽ هٿ جو پورهيو

هر ڪنهن شاگرد کي گهر جي ته گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ هر روز سٽ ڪتڻ- تڪلي قيرائي يا چرخو هلائي. ائين ڪرڻ ڪري ڪو اسين ايترو سٽ ڪونه ڪتي سگهنداسين، جو گهڻو ناڻو ڪمائي سگهون. پر اسان ۾ ذهن بدن هٿ جي پورهئي ڪرڻ واسطي چاهنا وڌندي رهندي ۽ نفرت دور ٿي ويندي. هن وقت تعليم جو سرشتو اهڙو آهي، جو وڏي هوندي هٿ جي پورهئي ڪرڻ ۾ عار پيو لڳي. هٿ جي پورهئي ڪرڻ کانسواءِ ديس جي مالي حالت جو واڌارو ڪنهن به صورت ۾ ڪونه ٿيڻو

آهي. يورپ ۾ نہ شروعات کان وٺي شاگردن کي هنر سيکاريندا آهن پر هندستان ۾ فقط ڪتابي تعليم تي زور ڏنو ويو آهي.

شاگرد جيستائين پڙهندو رهي ٿو، تيستائين نہ کيس شاديءَ جو خيال هرگز نہ ڪرڻ گهرجي. مائٽن جيڪڏهن سندس شاديءَ جو سعيو ڪن، تہ بہ کين روڪي ڇڏڻ گهرجي. ننڍي هوندي شادين جو رواج تہ رڳو هندوستان ۾ ئي آهي. ڪيترا شاگرد تہ شاديءَ کانپوءِ پڙهڻ ڇڏي ڏين ٿا. هو ڪم جي وس ٿي وڃن ٿا. ٿوري وقت ۾ ئي هو اولادي ٿين ٿا ۽ کين پيٽ گذران واسطي ڌن ڪمائڻ جي چنتا لڳي ٿي. هو واپار يا نوڪريءَ جي ڳولا ۾ لڳن ٿا. نتيجو اهو نڪري ٿو، جو کين تعليم وٺڻ کان محروم رهڻو پوي ٿو.

## انگريزي يا هندستاني؟*

انگريزيءَ ۾ چوندا آهن تہ "نقل ڪرڻ سان اڳلي کي سمهموني ۾ پڏائي سگهجي ٿو." جيتوڻيڪ پنهنجي ماڻهن ۾ توهان منهنجي گهڻي ساراه ڪئي آهي پر جن بہ ڳالهين جو مان خواهان آهيان، عمل ۾ اُنهن جي پيڪڙي

* انگريزي يا هندستاني، هت ڦاڙ خرچن لاءِ تنبيہ ۽ همت ڏاريو ٽڪرا ١٩٣٥ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ مهاتما گانڌيءَ کي شاگردن جي ڏنل مانپتر جي جواب مان کڻيل آهن.

جا آزادي پسند انسانن جو عيوضي ڪري سگهيو ٿي.

## هٿ ڦاڙ خرچن لاءِ تدبير

توهين ملڪ جي مالي ڳالهين جي جاچ رکندي به اِهو ڪو سوچيو ٿا. تہ توهان جيڪا في پريو ٿا، تنهنڪان ڪان گهٽو گهٽو عام خزاني مان اوهان جي تعليم تي خرچ اچي ٿو. توهان ڪڏهن اِها ڳالهہ خيال ۾ آندي آهي تہ اِهو وڌيڪ پئسو ڪٿان اچي ٿو؟ اهو سمورو اُنهن غريب ماڻهن وٽان ٿو اچي، جيڪي جيترا جاڳندا هُن جا پيرا آهن، جيڪي چانورن جي هڪ گندي مٺ ۽ لوڻ جي چپٽيءَ تي گذران ڪن ٿا. اُها چپٽي بہ شاهوڪار پنهنجي مغروريءَ سان مهرباني فرمائي هنن اڳيان اُڇلائين ٿا. سندن اکين ۾ تجلو ڪونهي. ناأميدي هنن جي چهرن مان پيئي بکي. سندن پيٽ ۾ بکہ جا چڪ آهن. اهڙن ماڻهن جي پئسن مان ئي اوهين ڪاليجي-ودّيا پرائي رهيا آهيو.

توهان پنهنجي اُنهن غريب ڀائرن لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ ڪاديءَ بدران توهان ولائتي شيون ٿا وٺو، جنهنجي ذريعي ڀائرن ۽ ڀينرن جو گرہ واٽ مان کسيو ٿا. شاگردن کي اِها ڳالهہ نہ وسارڻ کپي تہ هندستان ۾ لکها غريبن جي رت مان ئي سرڪاري خزانو ڀريو ٿو وڃي. اهڙي خزاني مان ئي اوهانجي تعليم تي پئسا ڏنا وڃن ٿا. نہ رڳو ايترو پر تعليم تي جيڪو خرچ اچي ٿو، تنهنجي گهٽي

اُپيھ شراب جي وڪري مان ٿئي ٿي. اوهين اُنهيءَ پئسي مان تعليم وٺي رهيا آهيو. ايشور اڳيان هڪ ڏينهن اوهان کي انهيءَ جو حساب ڏيڻو پوندو آهي.

## همت ڌاريو

سوراج ڪاڻڻ لاءِ ڪونهي پر اُنهن لاءِ آهي جي مشڪلدي سوريءَ لاءِ سر سهسائيندا ۽ ڦاسيءَ تي لٽڪڻ وقت اکيون بند ڪرڻ کان به انڪاري ٿيندا. انجام ڪريو ته توهين پنهنجي ملڪ تان ڏيتي ليتيءَ جو داغ لاهيندا ۽ پنهنجون جانيون ڏيئي به پنهنجي پيرن ۽ ڏالن کي اڳينءَ اعليٰ درجي تي پهچائيندا، تڏهن مان سمجهندس ته توهين پنهنجي ملڪ جي آزادي هٿ ڪرڻ لاءِ تيار آهيو.

## سنڌي شاگردن ڏانهن

مونکي انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته ناٽڪ، سنگيت، راندين روندين وغيره وڏي پئماني تي ڪيا ويا هوندا *

* سنڌ جي ڇهين ودياٿي ڪانفرنس جي سيڪريٽريءَ هڪ چٺيل خط موڪلي، مهاتما گانڌيءَ کان ڪانفرنس لاءِ سنيهو گهريو هو. جنهن ۾ ڪانفرنس جو پروگرام به جاڻايل هو ته ناٽڪ، راندين ۽ زناني تعليم تي ليڪچر وغيره ڪيا ويندا. مهاتما کي اُهو گشت ۾ هٿڻ ڪري ڪانفرنس کانپوءِ پهتو هو، اُن خط بسبب پنهنجي اخبار ۾ جيڪو ليک لکيو هئائون. اُنمان هي ٽڪر ڪڍيل آهي.

ڳيان ۽ گڻ حاصل ڪري راضي ٿي ويهي رهندا. ڪين
راشٽر-اڏيندڙ ٿيڻو آهي. مغرب جي نيچ پيرويءَ سان
خواه انگريزيءَ ۾ صحيح نموني سان لکڻ، پڙهڻ
۽ ڳالهائڻ سان آزاديءَ جي مندر جي هڪ به سر ڪين
جڙندي. وديارٿي هن وقت اهڙي سکيا حاصل ڪري
رهيا آهن، جا بکه مرندڙ ڀارت لاءِ تمام مهانگي آهي.
اها ته تمام ٿورا ماڻهو حاصل ڪرڻ جي اميد ڪري
سگهن ٿا. انهيءَ ڪري هندستان شاگردن ۾ اها اميد
رکي ٿو ته هو راشٽر کي پنهنجي زندگي ڏيئي پاڻکي
لائق ثابت ڪن. وديارٿين کي راشٽر ۾ جيڪي چڱيون
ڳالهيون ڏسن، تنهجي رکيا ڪندي سماج سڌي سريءَ ۾
گهڙي ويل بيشمار برائين کي دور ڪرڻ ۾ بي ڌڙائيءَ سان
لڳي وڃڻ کپي.

## نئڙت ضروري

شاگردن کي سڀ کان اول نئڙت جو ابياس ڪرڻ
گهرجي * بنا نئڙت ۽ نهٺائيءَ جي هو پنهنجي تعليم جو
ڪو به چڱو استعمال نه ڪري سگهندا. ڀلي توهان وڏا
وڏا امتحان پاس ڪريو ۽ وڏا وڏا عهدا ماڻيو پر جيڪڏهن
توهان کي لوڪ-شيوا ۾ پنهنجي تعليم جو، پنهنجي گيان
جو استعمال ڪرڻو آهي ته توهان ۾ نئڙت جو هئڻ تمام

* مهاتما گانڌيءَ جي ڪراچي ڪاليج ۾ ڪيل تقرير
مان ڪڍيل ٽڪر.

جيترو وقت ملي، اُن ۾ هر يجن جي خدمت توهان تمام چڱي طرح ڪري سگهو ٿا.

## اعليٰ تعليم بابت ويچار

١. دنيا ۾ پراپت ٿيندڙ اعليٰ ۾ اعليٰ تعليم جو به مان مخالف ڪين آهيان.

٢. حڪومت کي جتي به گهربل انداز ۾ اُنجي ضرورت هجي، اُتي اُنجو خرچ همموار ڪرڻ کپي.

٣. رواجي آمدنيءَ مان سموريءَ اعليٰ تعليم جو خرچ هلائڻ جي مان برخلاف آهيان.

٤. منهنجو اهو پڪو وشواس آهي ته اسان جي ڪاليجن ۾ ساهتيه جي جيڪا ايتري ڀاري ۽ اکري تعليم ڏني وڃي ٿي، اُها سموري اجائي آهي ۽ اُنجو نتيجو پڙهيلن جي بيروزگاريءَ جي صورت ۾ اسان اڳيان آهي. نه فقط ايترو بلڪ جن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي اسان جي ڪاليجن جي چڪيءَ ۾ پيسجڻ جي ڪم نصيبي حاصل ٿي آهي، تنجي مانسڪ خواهه بدني صحت ۾ اُنهيءَ چٽ ڪري ڇڏي آهي.

٥. ڌاريءَ ٻوليءَ جي ماڌيم (وسيلي)، جنهنجي ذريعي ڀارت ۾ اعليٰ تعليم ڏني وڃي ٿي، تنهن اسان جي راشٽر کي بيحد دماغي ۽ اخلاقي نقصان رسايو آهي.

# باب ڇهون

## چرخو ۽ کادي

”سوراج جيان کادي به قومي زندگيءَ لاءِ ساهه جيتري ضروري آهي. جهڙيءَ طرح سوراج کي اسين ڇڏي نٿا سگهون، تهڙيءَ طرح کاديءَ کي به ڇڏي نٿا سگهون. کاديءَ کي ڇڏڻ جي معنيٰ ٿيندي هندستاني جنتا کي وڪڻڻ - هندستان جي روح کي وڪڻڻ.“

### چرخي جي مهما

چرخو هڪ مرڪزي سج آهي، جنهن جي چوڌاري ٻيا سيئي گره گهمن ٿا. اوڪ ذلي وڻ جو ٻج ڪيترو ننڍو ٿيندو آهي، مگر جنهن هڪ ڀيرو اُنجي پاڙ لڳي، اُتي پوءِ اُهو وڌندو آهي ۽ اُهو ڪيترين ئي ونسپتين کي اجهو ڏيندو آهي. جيڪڏهن چرخي جي ورتي

ڦهلجي ويٺي ته فقط چرخو ٽوروني رهندو، اُهي ڇايا ۾ بيشمار هنرن کي جڳهه ملندي. اُهي خوشبوءِ سان ساري دنيا خوشبوئدار ٿي ويندي.

اهو سچ آهي ته سيئي ڳالهيون چرخي مان ٿي نڪتيون آهن. گرام اُديوگ سنگهه (ڳوٺاڻن هنرن جي انسوسئيشن) اُنمان نڪتو آهي. اڇوتپڻو دور ڪرڻ ۽ نئين بنيادي تعليم، اُنجا ڦل آهن. مذهبجي لاڙن جي گره مالها جو اُهوئي سچ آهي.

*     *     *     *

ايڪاگرتا لاءِ چرخوئي مذهبجي مالها آهي.

*     *     *     *

چرخو نه لنگڙي جي لٺ آهي- آذار آهي بکئي کي ڪاڌي ڏيڻ جو وسيلو آهي. ڪنگال استرين جي ست جي رکيا ڪندڙ قلعو آهي.

*     *     *     *

چرخي مان جيڪا ڪجهه تند نڪري ٿي، سا لکها هندستانين کي اڻ ٽٽندڙ پريم جي ڌاڳي ۾ ٻڌي ٿي.

*     *     *     *

مونکي سيني ڳالهين ۾ چرخو اڻو اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته مان چوطرف مفلسي ۽ ڪنگالپڻوئي ڏسان ٿو. هندستان جي ماڻهن کي جيستاءِ اَن ۽ ڪپڙو نٿو ملي، تيستاءِ اُنهن لاءِ دنيا ۾ ”ڌرم“ نالي ڪا چيز ئي ڪانهي. هو اڄ

حيوانن وانگر زندگي گذاري رهيا آهن ۽ انهيءَ ۾ اسان جو هٿ آهي. انهيءَ ڪري چرخو اسان جي پرائشچت جو وسيلو آهي. پيڪلي جي شيوا هڪ ڌرم آهي. ڏٺي اسان کي هڪ پيڪلي جي روپ ۾ هميشه درشن ڏئي ٿو ۽ اسان تلڪ جو نشان لڳائيندي ۽ اُنجو ۽ ايشور جو نراد ر ڪريون ٿا.

*　　*　　*　　*

جڏهن مالها مونکي رام نام جپڻ ۾ مدد ڪريٿي، تڏهن مالها ڦيريان ٿو. جڏهن ايترو ايڪاگر ٿي وڃان ٿو، جو مالها وگهن وجهندڙ معلوم ٿئي ٿي، تڏهن اُها ڇڏي ڏيان ٿو. سمجهندي سمجهندي جيڪڏهن چرخو ڪتي سگهان ۽ مونکي رام نام وٺڻ ۾ اُنجي مدد جي ضرورت معلوم ٿئي ته هوند اوس مالها بجاءِ چرخو هلايان. جيڪڏهن مالها ۽ چرخي ٻنهي کي هلائڻ جي طاقت هجيم ۽ ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي پسند ڪرڻو هجيم ته جيستاءِ هندستان ۾ فاقه ڪشي جاري آهي، تيستاءِ مان ضرور چرخي روپي مالها کي پسند ڪندس. مان هڪ اهڙي وقت جي اچڻ راه تڪي رهيو آهيان، جڏهن رام نام جو جپ ڪرڻ به هڪ اُپاڌي معلوم ٿيڻ لڳي. جڏهن اهو اليوءِ ٿيندو ته ”رام“ واڻيءَ کان بہ پري آهي، تڏهن نام وٺڻ جي ضرورت ئي ڪانہ رهندي. چرخو، مالها ۽ رام نام اهي مون لاءِ جدا جدا چيزون ڪين آهن.

ڊونگي ته اِهي ٿيئي شيوا-ڌرم جي تعليم ڏين ٿيون شيوا-ڌرم جي پالن ڪرڻ ڪانسواءِ مان اهنسا-ڌرم جي پالنا نٿو ڪري سگهان. اهنسا-ڌرم جي پالن ڪرڻ ڪانسواءِ مان سچ جي کوج نٿو ڪري سگهان. سچ ئي رام آهي، نارائڻ آهي، ايشور آهي، خدا آهي، الله آهي، گاڊ (God) آهي.

## اهنسا جو اُهڃاڻ چرخو

مهاڀارت ۾ ايڪلويه جي ڪٿا آئي آهي. اُها فقط ڪاويه ڪين آهي. اُنهن سچ سمايل آهي. مٽيءَ ۾ چيتنتا ڪا نه ٿيندي آهي، مورتيءَ ۾ طاقت ڪا نه هوندي آهي؛ ليڪن ايڪلويه لاءِ دورڻ آچاريه جي مورتي مٽي ڪا نه هئي. اُن ۾ ته هو ساکيات گرو درونڻ آچاريه کي ڏسندو هو. پوءِ سندس اکنڊ شردا ڇو نه سڦلي ٿئي؟ جيڪڏهن اسين چرخي ۾ اهڙي شردا رکي سگهنداسين ته اسان لاءِ اُهو زنده مورتي ٿي پوندو. چرخو ته اسان لاءِ اهنسا جو اُهڃاڻ (نشان) آهي. اصل ڳالهه مورتي ڪانهي؛ اسان جي نظر آهي. هڪ نظر کان سنسار سچ آهي، ٻيءَ نظر کان فقط ايشور ئي ستيه آهي. پنهنجي پنهنجي نظر کان ٻئي ڳالهيون سچ آهن. جيڪڏهن اسان پنهنجي نشان ۾ ايشور جو ساکياتڪار ڪري سگهون ته اسان لاءِ اِهو به سچ آهي.

## کادي مهما

هرهڪ وال کاديءَ جو، جيڪو توهان خريد ڪندا سو هڪ غريب کي روٽي ڏئي ٿو، پر هرهڪ مشين جي ڪپڙي جو وال جو توهان وٺو ٿا، سو غريب جي وات مان روٽي کسي وٺي ٿو.

## کاديءَ جو راز

کادي هڪ تڪراري مسئلو آهي. ڪيترا سمجهن ٿا ته کاديءَ جي حمائت ڪرڻ ۾ مان وهڪري جي خلاف پيڙي هاڪاري رهيو آهيان ۽ مهڏبي هتان سوراج جي پيڙي ٻڏڻ واري ٿي آهي، مان ملڪ کي پراڻي اندڪار-جڳ طرف گهلي وڃي رهيو آهيان. جوڙجڪي ڪم جي مختصر سمجهاڻيءَ ۾ مان کاديءَ جي طرف جا دليل ڏيڻ ڪين ٿو چاهيان، مان اهي دليل اڳي انيڪ ڀيرا ڪافي وستار سان ڏيئي چڪو آهيان. هتي ته مونکي اهوئي ٻڌائڻو آهي ته کاديءَ جي ڪم اڳتي وڌائڻ ۾ هرهڪ ڪانگريسي نه، بلڪ هرهڪ هندستاني ڪهڙي خدمت ڪري سگهي ٿو- ڪهڙو حصو وٺي سگهي ٿو. کادي ملڪ جي ساري عوام جي مالي آزادي ۽ برابريءَ جي شروعات جو اُهڃاڻ آهي. چوڻي آهي ته وڻ جي پرک اُنجي ميوي مان معلوم ٿيندي آهي. هرهڪ زال مرد آزمائي ڏسي ته اُنکي خود پتو پوندو ته مان جيڪي چوان ٿو اُنمر ڪيتري سچائي آهي. کاديءَ

کي قبولڻ سان گڏ اُنهي گرپ ۾ موجود سيني ڳالهين کي به قبولڻ گهرجي. کاديءَ جي معنيٰ آهي عالمگير سوديشي ڀاونا، زندگيءَ جون سڀيئي ضرورتون هندستان مان ــــ ۽ اُهي به ڳوٺاڻن جي محنت ۽ سمجهه ذريعي ــــ حاصل ڪرڻ جو نشچو. انجو مطلب هي آهي ته جو وهڪرو اڄ جاري آهي، اُنکي ڦيرڻ. ايتري قدر جو اڄ جو هندستان جا ۽ گريٽ برٽن جا ٦ شهر هندستان جي ستن لکن ڳوٺن کي چوسي، سندن بربادي‌ءَ جي سهاري جيئن ٿا، اُنجي عيوض ۾ اهي ڳوٺ گهڻي قدر پاڻ تي آڌار رکندڙ ۽ خود مڪمل ٿي ويندا ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب هندستان جي شهرن کي ۽ جيتري قدر ٻنهي طرفن کي فائدي‌مند هوندو، اوتري قدر ٻاهرينءَ دنيا کي به مال پهچائي، اُنجي شيوا ڪندا.

## ڪانگريسين جو فرض

کاديءَ جي گرپ ۾ چا چا لکل آهي، انهيءَ ٻڌائڻ بعد کاديءَ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪانگريسي ڇا ٿا ڪري سگهن ۽ کين ڇا ڪرڻ گهرجي، اهو مونکي چوڻ گهرجي. کاديءَ جي پيدائش ۾ ڪپهه پيدا ڪرڻ، چونڊڻ، پڃڻ، پوڻيون ٺاهڻ، ڪتڻ، رڱڻ، اُڻڻ ۽ ڪپڙي جو ڌئڻ وغيره سڀيئي ڪم شامل آهن. رڱاوت ڪانسواءِ ٻيا سڀيئي ڪم لازمي آهن. انهن ۾ هرڪو ڪم ڳوٺن ۾ چڱي طرح ٿي سگهڻ جهڙو آهي ۽ ساري هندستان ۾ وڏي

تعداد ۾ جن ڳوٺن کي چرخاسنگهه هٿ ۾ ڪيو آهي، اُنهن ۾ اهي ڪم خوبصورتيءَ سان ٿي بس رهيا آهن. چرخاسنگهه جي آخرين (١٩٤٠ جي) ساليانى رپورٽ ۾ هيٺ ڄاڻايل انگ اکر ڏنا ويا آهن:-

سنه ١٩٤٠ع ۾ ١٣،٤٥١ کان زياده ڳوٺن ۾ رهندڙ ١٤٦، ٧٥، ٢ ڳوناٽن (جن ۾ ٦٤٥، ١٩ هريجن ۽ ٣٧٨، ٥٧ مسلمان هئا، ڪتائي، پڃائي، اُڻائي وغيره مان ڪل ٦٠٠، ٨٥، ٣٤ روپيه ڪمايا هئا. ڪتڻ جو ڪم ڪندڙ گهٽي قدر استريون هيون.

انهيءَ هوندي به جيڪڏهن ڪانگريسي سڀئي من مان کاديءَ جو پروگرام ڪڍن ها ته جيترو ڪم ٿي سگهي ها، اُنهي سوين پتيءَ جيترو هي ڪم آهي. هن مکيه وناٽي هنرءَ اُنهي سهڪاري هٿ جي هنرن جو جڏهن ن بيرحميءَ سان ناس ڪيو ويو، تڏهن کان ڳوٺن مان تل ۽ تيج غائب ٿي ويا آهن. ڳوٺ تيج هيڻ ۽ بيجان ي ويا آهن.

## ل جو ڪپڙو پهريندا يا کاڌي؟

اَڌ سير ڪپهه مان مل جي ڪپڙي ٺهڻ ۾ ساڍا اٺ آنه چ ٿئي ٿو پر ساڳيءَ ڪپهه مان کادي ٺهڻ ۾ ٽيه آنه چ ٿئي ٿو. مل جي ڪپڙي ۾ ڪتيندڙ ۽ ڪوريءَ کي ط ساڍا چار آنه ملن ٿا پر کاديءَ جي حالت ۾ ٻنهي کي آنه ملن ٿا. ديش کي فائدو ڇا مان ٿيو؟

## ان سرٽيفائيڊ کادي وٺڻ اتياچار

جيڪڏهن ڪروڙن جو درد کاديءَ سبب ميٽجي سگهي ٿو ته کاديءَ تي ضابطو ضرور ڪنهن سنسٿا يا حڪومت جو هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته ڪروڙين ست ڪتيندڙ پنهنجو پيٽ ڀرڻ ٿا چاهين؛ اُهي ته هڪ پئسي تي ٨ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهن. اها به ته کادي ڇڱي سگهجي ٿي. پر اهڙي کادي پائي اسان غريبن ۽ دکين جي ته ڪا شيوا ڪا نه ڪري سگهنداسين. انهيءَ ڪري ئي چرخاسنگهه ڪتيندڙن جي مزوري هڪدم وڌائي آهي. جيڪي به انسرٽيفائيڊ کادي وڪڻن ٿا، اُهي غريب ڪاريگرن جي چوري ڪن ٿا. اهڙي کادي وٺڻ چوريءَ جي مال وٺڻ مثل آهي. اِهو ته اتياچار آهي. انهيءَ ڪري چرخاسنگهه ته اهڙن واپارين کي به وينتي ڪري ٿو ته اُهي کاديءَ جو واپار ڇڏي ٻيو ڪو ڌنڌو اختيار ڪن ۽ عام ماڻهن کي وينتي ٿي ڪجي ته اُهي چرخاسنگهه جي ڀنڊارن تان کادي خريد ڪن.

## باب ستون

# اهنسا

”منهنجو مذهب مونکي تعليم ڏئي ٿو تہ ٻين جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان ڏي پر ٻئي کي مارڻ لاءِ هٿ بہ نہ کڻ. بلڪ منهنجو ڌرم اهين چوڻ جي بہ اجازت ڏئي ٿو تہ جيڪڏهن اهڙو موقعو اچي، جو شرن ۾ آيل ماڻهن يا سؤنپيل ڪم کي ڇڏي ڀڄي وڃڻ يا حملي ڪندڙ کي مارڻ ٻنهي مان ڪا هڪ ڳالهہ پسند ڪرڻي هجي تہ اهو هر شخص جو فرض آهي تہ هو ماريندي، اُتي مري وڃي مگر پنهنجي جاءِ نہ ڇڏي.“

## اهنسا جي مهما

سچ ڪالپوءِ درحقيقت اهنسا ئي سنسار ۾ وڏي ۾ وڏي عملي شڪتي آهي. اُها اڪيارٿي تہ ڪڏهن

وڃي ٿي ڪين ٿي. هنسا فقط ٻيروني طرح ڪامياب معلوم ٿئي ٿي.

* * * *

اهنسا جي شڪتي اپار آهي. اهڙيءَ طرح اهنسڪ جي شڪتي ٻه لاثاني آهي. اهنسڪ پاڻ ڪجهه نٿو نٿو ڪري. سندس پريرڻا ڪندڙ ايشور ٿئي ٿو. پورڻ ستياگرهي معنيٰ ايشور جو پورڻ اوتار. انهيءَ ۾ ذرو ٻه وڌاءُ ناهي ته هي سنسار اهڙي قسم جي اوتار ناهڻ جو تجربه خانو (ليبارٽري) آهي.

* * * *

منهنجو يقين آهي ته اهنسا هنسا کان وڌيڪ اعليٰ چيز آهي. ڪميا سزا کان وڌيڪ انساني طرح ٺيڪ آهي، ڪميا وير جو ڳهڻو آهي.

* * * *

سچ ۽ اهنسا جي راه تلوار جي ڌار مثل آهي. خوراڪ چڱيءَ طرح کائڻ سان سرير جي پالنا ڪريٿي. اهڙيءَ طرح اهنسا جي ٺيڪ طرح پالنا ڪئي وڃي ته اُها آتما جي پالنا ڪندي.

* * * *

اهنسا هڪ مهاورت آهي. تلوار جي ڌار تي هلڻ کان ٻه مشڪل آهي. ديه ڌاريءَ لاءِ اُنجي سورهن ئي آنه پالنا ڪرڻ ناممڪن آهي. اُنجي پالنا ڪرڻ لاءِ گهور تپسيا

جي ضرورت آهي. تسپيا جو مطلب، هتي لياڳ ۽ گيان سمجهڻ گهرجي.

* * * *

مون لاءِ سچ کان وڏيڪ ڪو مذهب ناهي ۽ اهنسا کان زياده ڪو وڏو فرض ڪونهي. ”سچ کان مٿي ڪو ڌرم ڪونهي“ ۽ ”اهنسا پرم ڌرم آهي“ انهن ٻنهي سوٽرن ۾ ڌرم لفظ جون معنائون نراليون آهن. انهن جي معنيٰ آهي سچ کان سرس ڪو مقصد ڪونهي ۽ اهنسا کان سرس ڪو فرض ڪونهي. اهو فرض پاليندي پاليندي ئي ماڻهو سچ جي پوڄا ڪري سگهي ٿو. سچ جي پوڄا جو ٻيو ڪو وسيلو ڪونهي.

* * * *

اهنسا مها شاستر آهي. اُهو وڏو پرشارٿ آهي. اها ڪانئر کان پري ڀڄي ٿي. اُها سورمي شخص جي سونهن آهي، ۽ اُنجو سڀ ڪجهه آهي. اها خشڪ، بي رس، جڙ پدارٿ ڪين آهي. اها چيتن آهي. اُها آتما جو خاص گڻ آهي.

## اهنسا جو راز

اهنسا ڪانئر جو هٿيار ناهي. اُها ته پرم پرشارٿ آهي، بهادرن جو ڌرم آهي. ستياگرهي ٽيڏو اٿو ته توهان جو سارو اگيان ۽ آلس دور ٿي وڃڻ گهرجي. توهان ۾ سانده سجاڳي اچڻ کپي. تڏهن ئي اهنسا هلي سگهي

ٿي. سچي اهنسا اچڻ بعد توهان جي واٽيءَ مان، ويچار مان ۽ وهنوار مان امرت ٽمڻ لڳندو.

*　　*　　*　　*

هڪبئي ۾ وشواس رکڻ ۽ سرل چت سان ٻين جي ڳالهه سمجهڻ لاءِ تيار رهڻ، اهائي اهنسا جي شاهي راه آهي.

*　　*　　*　　*

سخاوت ته اهنسا جو عضوو آهي. اُن ڪانسواءِ اهنسا پنگلي آهي، انهيءَ ڪري اُها هلي نٿي سگهي.

*　　*　　*　　*

جيڪو ٻڪر جي هنسا نٿو ڪري، اُهو ته هنسا ڪري ئي چڪو. ڪتو ٻليءَ ڏانهن اهنسڪ ڪين آهي. اُنجو من ته هميشه ٻليءَ جي هنسا ڪندو رهي ٿو. هيٺي هنڻ ڪري هو ٻليءَ کي ماري نٿو سگهي. هنسا ڪرڻ جي پوري طاقت رکندي به جو هنسا نٿو ڪري اُهوئي اهنسا-ڌرم پالڻ ۾ طاقتور ٿئي ٿو. جو ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان ۽ پريم ڀاوَ سان ڪڏهن به هنسا نٿو ڪري، اُهوئي اهنسا-ڌرم پالڻ ۾ طاقتور ٿئي ٿو. اهنسا جو اُرٿ آهي محبت، ديا، ڪميا. شاستر اُنجو بيان بهادر جي گڻ جي صورت ۾ ڪن ٿا. اها بهادري تن جي نه مگر دل جي آهي.

*　　*　　*

ٻ جي پيڙڻ ڪانئرتا آهي ۽ ڪانئرتا سان نڪي ته ڏاهه ٿي سگهندو ۽ نڪي اهنسا ڪي ڪا مدد ملي سگهندي. ڪانئرتا هنسا جو هڪ قسم آهي ۽ اُنکي جيتڻ ڏاڍو مشڪل آهي. هنسا ڏانهن مائل ماڻهوءَ کي هنسا ڇڏي، اهنسا جي اعليٰ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ سمجهائڻ ۾ سقل ٿيڻ جي اُميد رکي سگهجي ٿي، ليڪن ڪانئرتا ته هر قسم جي شڪتيءَ کان خالي آهي.

اُهي جي مرڻ ڄاڻن ٿا، تنکي مان پنهنجي اهنسا ڪاميابيءَ سان سيکاري سگهان ٿو، پر جي مرڻ کان ٻڄن ٿا، تنکي مان اهنسا نٿو سيکاري سگهان.

* * * *

اهنسا ۽ ڪانئرتا هڪٻئي جي اُبتڙ لفظ آهن. اهنسا سڀ کان اعليٰ گڻ آهي ۽ ڪانئرتا خراب ۾ خراب خرابي آهي. اهنسا جو بنياد محبت ۾ آهي ۽ ڪانئرتا جو نفرت ۾. اهنسڪ سدائين ڪشت برداشت ڪندڙ ٿئي ٿو ۽ ڪانئر سدائين پيڙا پهچائي ٿو. مڪمل اهنسا اعليٰ بهادري آهي.

* * * *

منهنجو مطلب آهي ته اسان جي اهنسا اُنهن ڪانئرن جهڙي نه ٿئي، جي لڙائيءَ کان ٻڄن ٿا، خون کان ڇرڪن ٿا، ۽ خونين جي آواز سان جنجي دل ڌڙڪي ٿي. اسان جي اهنسا ته ٻنهائن جي اهنسا ٿيڻ گهرجي.

* * * *

گيدڙپڻي جي هلت کان ته مان هنسا ڪرڻ بهتر ٿو سمجهان. گيدڙيءَ کي اهنسا جو اُپديش ڏيڻ آهي، گويا انڌي کي نظارا ڏيکارڻ. اهنسا ته حد درجي جي بهادري آهي.

## اهنسا جو عمل

جڏهن ڪو ماڻهو اهنسڪ تيڻ جي دعوي ڪري ٿو، تڏهن اُن کان اُميد ڪئي وڃي ٿي ته اُهو اُنهيءَ ماڻهوءَ تي به ڪروڌ نه ڪندو، جو کيس چوٽ رسائي. اُهو سندس برائي ۽ نقصان ڪين چاهيندو. اُهو سندس ڀلائي چاهيندو، متس ڏند ڪين ڪرٽيندو ۽ لڪي هو کيس ڪنهن به قسم جي ٻڌني چوٽ رسائيندو. هو غلطي ڪندڙ ذريعي هر قسم جي سختي سهندو. اهڙيءَ طرح اهنسا مڪمل طرح بي عيب آهي. مڪمل اهنسا سڀني جيوَ ڌارين لاءِ سڀني خراب ڀاوناڻن کان آجي آهي. انهيءَ ڪري اُها انسان کانسواءِ ٻين ساهوارن، اينتري قدر جو زهريلن ڪيڙن ۽ هنسڪ جانورن کي به گلي لڳائي ٿي ... اهنسا عملي طرح ساريءَ زندگيءَ لاءِ هڪ سٺي ڀاوناآهي. اها پوتر پريم آهي.

* * *

انهيءَ ڪري مون ڀارت اڳيان خود قربانيءَ جي پراڻي قانون رکڻ جي همت ڪئي آهي. ستياگره ۽ اُنمان اڪنل سول نافرماني بيواڪجهه ناهي، فقط ڪشٽن سهڻ

جي قانون جا نوان نرالا آهن. جن رشين هنسا جي وچ ۾ اهنسا جي نيم جي کوج ڪئي، اُهي نيوٽن کان زياده تيجسوي هئا. هو ويلنگٽن کان وڌيڪ وير هئا. شاسترن جي تجربي بعد هنن انهي نڪمائي محسوس ڪئي ۽ ٻڌايو ته دنيا کي سيکاريو ته اُنجو ڇوٽڪارو هنسا جي رستي ۾ ناهي بلڪ اهنسا جي راه ۾ آهي.

## اهنسا ۽ ملڪ

مان ائين چوڻ جي جرئت ڪريانٿو ته جيڪڏهن اسان جي اهنسا اهڙي نه ٿي، جهڙي ٿيڻ گهرجي ته ملڪ کي اُنمان ڏاڍو نقصان پهچندو، ڇاڪاڻ ته اُنجي آخري تابش ۾ اسين بهادر بجاء ڪانئر ثابت ٿينداسين ۽ آزاديءَ لاء لڙندڙن لاء ڪانئرتا کان وڌيڪ ڪا بي عزتي ڪانهي.

* * * *

جيڪڏهن اسان اهو محسوس ڪريون ته هنسا جي لڙائيءَ کانسواء اسان پرنٿن طاقت کي هٽائي نٿا سگهون ته اسان کي يعني ڪانگريس کي ملڪ کي صاف اهو ٻڌائڻ ۽ اُنکي انهيءَ ڪرڻ لاء تيار ڪرڻ گهرجي. ان بعد جيڪي ساريءَ دنيا ۾ ٿي رهيو آهي، اُهوئي اسان به ڪريون، يعني جڏهن ضرورت هجي تڏهن خاموش رهون ۽ جڏهن موقع هجي، تڏهن وار ڪريون.

* * * *

جيستاء رعيتي راڄ جو آڌار هنسا تي آهي، تيستاء

اُهو غريبن ۽ ڪمزورن جي رکيا نٿو ڪري سگهي. رعيتي راڄ جي معنيٰ مان اِها سمجهان ٿو ته اُنهيءَ راڄ ۾ نيچ ۾ نيچ ۽ اعليٰ ۾ اعليٰ ماڻهوءَ کي اڳتي وڌڻ جو برابر موقع ملڻ گهرجي. مگر سواءِ اهنسا جي ائين ڪڏهن تي ٿي نٿو سگهي.

* * * *

سوراڄ ڪير آڻي سگهندا:- هندستان کي جيڪڏهن سچو لوڪشاهي اصول هٿ ڪرڻو آهي ته پوءِ هنسا ۽ ڪوڙ کي تياڳ ڪرڻو آهي. جيڪڏهن هڪ ڪروڙ مرد ۽ استريون ڪانگريس ميمبر ٿيا، جنکي اندر ۾ هنسا ۽ ڪوڙ ڀريل آهي ته اُهي سچي لوڪشاهي متي وارو سوراڄ نه آڻي سگهندا پر جيڪڏهن اهڙا ۱۰ هزار ڪانگريسي ملن، جي سچ ۽ اهنسا تي قائم هجن ته اُهي پين ڪمزور ساٿين جو بوجو به سر تي کڻي، سوراڄ آڻي سگهندا.

## بزدليءَ جي اهنسا کان بهادريءَ جي هنسا بهتر

منهنجي اهنسا- ڊرم ۾ خطري وقت پنهنجي عزيزن کي مصيبت ۾ ڇڏي ڀڄي وڃڻ لاءِ جڳهه ڪانهي. مارڻ يا نامردن سان گڏ ڀڄڻ، انهن مان جيڪڏهن مونکي ڪا ڳالهه پسند ڪرڻي پوي ته منهنجو اصول چوينو ته مرڻ جو يا هنسا جو رستو پسند ڪريو.

* * * *

ٻ جي پيڙڻ، ممدر ڇڏڻ يا ٻاجو وڃائڻ بدران ڪرڻ يا پنهنجي حفاظت نہ ڪرڻ، اِها انسانيت ناهي، اها تہ نامردي آهي. اهنسا ويرتا جو اُهڃاڻ آهي. ٻڌو، ڪانئر ماڻهو اهو ننڍو ڄاڻي سگهي تہ اهنسا کهڙيءَ جهرڪيءَ جو نالو آهي.

* * * *

منهنجي گذر ڪري وڃڻ بعد ڪو ائين نہ چئي سگهي تہ گانڌيءَ ماڻهن کي نامرد ٿيڻ سيکاريو هو. جيڪڏهن توهان خيال ڪندا هجو تہ منهنجي اهنسا ڪانئرتا برابر آهي يا اُنمان ڪانئرتا ئي پيدا ٿيندي تہ توهان کي اُن کي ڇڏڻ ۾ ذرو بہ هٻڪڻ نہ گهرجي. توهان بلڪل بزدليءَ سان مرو، اُنجي پيٽ ۾ توهان جو بهادريءَ سان وار ڪندي ۽ وار سهندي مرڻ گهڻو بهتر سمجهندس. منهنجي سمجهہ جي اهنسا جيڪڏهن ممڪن نہ هجي تہ اهنسا جو سانگ ڪرڻ عيوض اهو بهتر ٿيندو تہ توهان اهو اصول ئي تياڳي ڇڏيو.

## هنسا ۽ اهنسا ۾ فرق

جيئن هنسا جي تعليم ۾ مارڻ سکڻ ضروري آهي، تيئن اهنسا جي تعليم ۾ مرڻ سکڻو پوي ٿو. هنسا ۾ ٻپ کان آزادي نٿي ملي، مگر ٻپ کان ڇٽڻ جو علاج ڳولڻ جي ڪوشش رهي ٿي. اهنسا ۾ خوف کي ڪا جڳهہ ئي ڪانهي. ٻپ کان آزاد ٿيڻ لاءِ اهنسا جي پوڄاريءَ کي

اعليٰ درجي جــي تياڳ - ورتيءَ وڌائڻ گهرجي. زمين وچي، زر وچي، سرير وڃي، ته به انهن جي ڪا پرواه ئي نه ڪري. جنهن هر قسم جي ڀپ کي نـ جيتيو آهي، اهو پورن اهنسا جي پالنا ئي نٿو ڪري سگهي. انهيءَ ڪري اهنسا جي شيدائيءَ کي کپي ته ايشور جو ئي ڀپ رکي ۽ ٻين سڀني خوفن کي جيتي. ڏٺيءَ جي شرن وٺندڙن کي آتما، سرير کان الڳ آهي، اها ڄاڻ هئڻ کپي ۽ آتما جو گيان ٿيندي ئي فاني سرير جو موه مٽجي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح اهنسا جي تعليم، هنسا جي تعليم کان ٻيت نرالي آهي. ٻاهر جي حفاظت لاءِ هنسا جي ضرورت پوندي پر آتما جي ۽ سؤمان جي رکيا لاءِ اهنسا جــي ضرورت آهي.

*　　　*　　　*　　　*

ڀپ کان آزادي:- موت کان آزاد هرهڪ نر ناريءَ کي کپي ته خود مري پنهنجي ۽ ٻين جي رکيا ڪري. سچ ته اهو آهي ته مرڻ اسان کي پسند ناهي. انهيءَ ڪري آخر اسان گوڏا کڻي ٿا جهڪايون. ڪو مرڻ بجاءِ سلام ڪرڻ پسند ڪريٿو. ڪو ڌن ڏيئي جند ڇڏائي ٿو، ڪو گاه وات ۾ وجهي ٿو ۽ ڪو ڪٽليءَ وانگر گيسيون پائڻ پسند ڪريٿو. اهڙيءَ طرح ڪا استري لاچار ٿي، چون چرا ڪرڻ ڇڏي، مرد جي وحشانيت وس ٿــي وڃي ٿي ... سلاميءَ کان وٺي ست نٽڻ تائين سڀيئي فعل

هڪ ئي ڳالھ جو اُهڃاڻ آهن. زندگيءَ جي لالچ ماڻھوءَ کان ڇا ڇا نٿي ڪرائي! انھيءَ ڪري جيڪو زندگيءَ جو ڏب ڇڏي ڏئي ٿو، اُھوئي جئي ٿو. ”تين تيڪتين ڀُنجيٿا،“ ھرھڪ پڙھندڙ کي اھو شلوڪ ياد ڪري ڇڏڻ گھرجي. پر انھيءَ ڏانھن صرف زباني وفاداريءَ مان ڪو ڪم ٿي نٿو سگھي. اُنکي ڪيس پنھنجي دل جي گھرائيءَ ۾ آڻڻ گھرجي. زندگيءَ جي سواد وٺڻ لاءِ اسان کي زندگيءَ جي لالچ تياڳڻ گھرجي.

## گونڊي ڪان بچڻ لاءِ زال ۽ ڏسندڙ ڇا ڪري؟

”ڪو دُشٽ جھڙو ماڻھو راھ ويندي ڪنھن ڀيڻ تي حملو ڪري زوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته اُنھيءَ حالت ۾ اُھا استري ۽ ڏسندڙ ڇا ڪن؟“ انھيءَ سوال جي جواب ۾ مھاتما ظاھر ڪيو ھو ته ”بي ڀائيءَ ۽ ايشور وشواس جي سکيا ته ھڪ ڏينھن ۾ ملي نٿي سگھي. انھي ڪري اِھو سمجھڻ گھرجي ته انھيءَ وچ ۾ ڇا ٿو ڪري سگھجي. جڏھن زال تي اھڙي قسم جو حملو ٿئي، اُھا حملي وقت ھنسا يا اھنسا جو ويچار نه ڪري. اُن وقت پنھنجي رکيا ڪرڻ ئي سندس وڏو فرض آھي. اُن وقت جيڪو اُپاءُ ڪيس سجھي، اُنجو استعمال ڪري ھوءَ پنھنجي پوترتا ۽ سرير جي رکيا ڪري. ايشور ڪيس ننھن ڏنا آھن، ڏند ڏنا آھن ۽ طاقت ڏني آھي. ھوءَ اُنھن جو استعمال ڪري ۽ اُنھيءَ ڪندي

ڪندي پل ته مري وڃي. موت جي ڊپ کان آزاد ٿيل هرڪو مرد يا زال پاڻ مري پنهنجو ۽ پنهنجن جو بچاءُ ڪري.

* * * *

اهو ته استريءَ جو فرض ٿيو. ليڪن ڏسندڙ مرد ڇا ڪري؟ اُن کي ڏسندڙ ٿيڻ بدران بچاءُ ڪندڙ ٿيڻ گهرجي. اُهو بيٺو ڪين ڏسندو، پوليس کي ڳولڻ ڪين ويندو، هو ريل جي زنجير ڇڪي پنهنجي فرض جي بجاوري ٿيل ڪين سمجهندو. جيڪڏهن اهنسا ڄاڻندو هوندو ته اُنجو استعمال ڪندي مري سر ڏيندو ۽ آفت ۾ ڦاٿل ڀيڻ کي بچائيندو. اهنسا سان نه ته هنسا سان ئي ڀيڻ جي رکيا ڪندو. اهنسا هجي يا هنسا آخرين ڳالهه ته موت آهي. مون جهڙو پيريءَ سبب ضعيف ۽ بدا ڏندن وارو ڪو پوڙهو جيڪڏهن اهڙي اهڙي وقت ائين چئي ڇٽڻ گهري ته "مان ته ڪمزور آهيان، مان هتي ڇا ٿو ڪري سگهان، مونکي ته هتي اهنسڪ ٿي رهڻو آهي،" نه اُنهيءَ گهڙيءَ اُنجو مهاتماپڻو ناس ٿي ويندو ۽ هو ننڍڻ لائق ٿيندو. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اهڙي وقت مري مٽجڻ جو نشچو ڪري ۽ ٻنهي جي وچ ۾ وڃي بيهي ته ڀيڻ جو ته بچاءُ ٿيندو ئي ۽ هو سندس ستت نشٽ جو شاهد به نه رهندو.

## اهنسا جو سوداگر

ڪيترا ماڻهو چون ٿا ته مان واڻيو آهيان. نيڪ آهي. مان ڇا ڪريان؟ واڻيو ٿي پيدا ٿيس ۽ واڻيو ٿي ٿي رهندس. واڻيو هوندي ٿي مرندس. سوداگري منهنجو ڌنڌو آهي. توهان ۽ دنيا اڳيان مان سوداگر آهيان، جنهن مولانا صاحب چيو ته مون وٽ هڪ تمام قيمتي شيءِ آهي. موتيءَ، گاهه ۽ ماڻهوءَ بلڪ هر چيز جي تور وٺڻ لاءِ الڳ الڳ تارازي گهرجي. مان اهنسا جو سوداگر آهيان، جنهنکي اُها شيءِ وٺڻي هجي، سو مون کان وٺي.

## اهنسا بهادرن جو ڌرم

اهنسا ٻڄڻ ۽ ڪمزورن جو ڌرم ڪين آهي. اُهو بهادر ۽ جان سان کيليندڙ جو ڌرم آهي. تلوار سان لڙندي جيڪو وڙهي ٿو، اُهو اوس ٿي بهادر آهي، مگر جو مارڻ بنا ڌيرج سان کڙو ٿي مري ٿو، اُهو وڌيڪ بهادر آهي... مار جي ڀپ کان جيڪو پنهنجي استرين جي بي حرمتي سهي ٿو، اُهو مرد نه رهي، نامرد بڻجي ٿو. اُهو نڪي ته پتني ٿيڻ لائق آهي، نڪي پتا يا ڀاءُ ٿيڻ لائق. جتي نامرد وسن ٿا، اُتي بدمعاش ته ٿيندا ٿي.

# باب اٺون

## سچ ۽ ايشور

”سچ هڪ وڏو وڻ آهي. اُنجي جيئن جيئن خدمت ڪئي وڃي ٿي، تيئن تيئن اُن ۾ اليڪ ڦل لڳندا نظر اچن ٿا. اُنهن جو انت ئي ڪونه ٿو ٿئي. جيئن جيئن اسان اونها گهڙون ٿا، تيئن تيئن اُنمان رتن نڪرن ٿا، خدمت جا موقعا هٿ ايندا رهن ٿا.“

## سچ جي صفائي

عام طرح سچ جي معنيٰ اسين فقط سچ ڳالهائڻ ئي سمجهون ٿا. مگر اسان سچ لفظ جو ڪشاديءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. ويچار ۾، واڻيءَ ۾ ۽ وهنوار ۾ سچ ئي سچ هجي. انهيءَ سچ کي پوريءَ طرح سمجهڻ واري لاءِ دنيا ۾ ٻيو ڪجهه ڄاڻڻ لاءِ ڪونه ٿو رهي، ڇاڪاڻ ته سمورو گيان اُن ۾ سمايل آهي. انهيءَ ۾ جو نه سمائجي، اُهو سچ ناهي، گيان ناهي. پوءِ اُنمان سچي راحت تہ

ملي ٿي ڪيئن ٿي سگهي؟ جيڪڏهن اسين انهيءَ ڪسوٽيءَ کي ڪم ۾ آڻي سگهون ته اسان کي ترت اهو معلوم ٿي ويندو ته ڪهڙو ڪم ڪرڻ لائق آهي ۽ ڪهڙو تياڳڻ جهڙو، ڇا ڏسڻ لائق آهي ۽ ڇا نه، ڇا پڙهڻ لائق آهي ۽ ڇا نه.

* * * *

جو ماڻهو پنهنجي زبان کي قبضي ۾ نٿو رکي سگهي، اُن ۾ سچ جو واسو ڪونهي.

* * * *

جتي سچ ناهي، اُتي شد گيان ممڪن ٿي نٿو سگهي. جتي ستيہ گيان آهي، اُتي آنند ٿي تيندو؛ شوڪ تيندوئي ڪونه ۽ سچ جٽادار آهي، انهيءَ ڪري آنند به بقادار آهي.

## سچ جي شڪتي

ڌرتي سچ جي سگهه تي ڪڙي آهي. ”است“۔ استيہ جي معنيٰ آهي ”نہ“، ”ست“۔ ستيہ يعني ”آهي“. جتي است يعني هستي ئي ڪانهي، اُنجي ڪاميابي ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ ۽ جو ”ست“ يعني ”آهي“، اُنجو ناس ڪير ٿو ڪري سگهي؟

* * * *

جو سچ ڄاڻي ٿو؛ من سان، وچن سان ۽ بدن سان سچ جي پيروي ڪري ٿو، اهو پرميشور کي سڃاڻي ٿو. ۽ انهيءَ ڪري اُهو ٽنهي ڪالن جو ڄاڻو ٿي پوي ٿو۔

اُنکي هن ئي ديه ۾ مکتي حاصل ٿئي ٿي.

*　　　*　　　*　　　*

اسانکي ته پنهنجي زندگي سچ واري ڪرڻي آهي. اسين ڏسون ٿا ته سچ جي ناليِ تي ڪوڙ ماڻهن جي آدر جو پاتر ٿي رهيو آهي. ڌرم جو مقصد ته آهي پاڻ ۾ جو وڙائڻ، ۽ انسان ذات ۾ جيڪي بناوٽي ويڇا آهن، اُهي گهٽ ڪرڻ. مگر اڄ اِنجي ناليِ تي اڇوتن سان گندو وهنوار ٿي رهيو آهي. مان چئي چڪو آهيان ته ڪوڙ پاڻ ڪمزور آهي، غلام آهي. سچ جي آڌار ڪانسواءِ اُهو بيهي نٿو سگهي. ليڪن مان توهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته سچ جي ناليِ تي جيڪڏهن ڪوڙ به اپٽرو ڪامياب ٿي سگهي ٿو ته خود سچ ڪيترو ٿيندو، اُنجو اندازو ڪير ٿو لڳائي سگهي؟

*　　　*　　　*　　　*

سڀيئي ورت سچ جي گرڀ ۾ بيٺل آهن. اُهي هن طرح ڏيکاري سگهجن ٿا:-

سچ

|

اهنسا

| برهمچريه | آسواد (لذتن کان ڪنارو) | استيه (چوري نه ڪرڻ) | اَپريگره (لوڀ جو تياڳ) | اَڀيه (ڀي نه پائي) |
| --- | --- | --- | --- | --- |

## سچ جو انعام

سچ جي پالنا ۾ ئي شانتي آهي. سچ ئي سچ جو انعام آهي. قيمتيءَ کان قيمتي وستو وٺندڙ کي جيئن اُنکان وڌيڪ قيمتي وستو نٿي ملي سگهي، تيئن سچار ۾ سچ کان وڌيڪ ٻي کهڙي چيز چاهيندو؟

## سچ ئي پرميشور

پرميشور ستيه آهي، ائين چوڻ بجاءِ ستيه ئي پرميشور آهي، ائين چوڻ وڌيڪ ٺيڪ آهي.

* * *

... هن محدود سچ کانسواءِ هڪ شڌ سچ آهي، اُهو اڪنڊ آهي ۽ سڀ ۾ سمايل آهي. پر اُهو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي، ڇاڪاڻ ته سچ ئي ايشور آهي يعني پرميشور ئي سچ آهي. ٻيون سڀ چيزون مٿيا آهن يعني ٻين ۾ انهيءَ انداز ۾ جو ڪجهه سچ هجي، اُهوئي ٺيڪ آهي.

## ايشور هستي

منهنجي اها دعوىٰ آهي ته مان ايمان ۽ بندگيءَ وارو شخص آهيان. جيڪڏهن مان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪاٽيو وڃان، ته به ايشور مونکي طاقت ڏيندو، جو مان هن کان انڪاري نه ٿيندس ۽ دعوىٰ سان چوندس ته ايشور آهي. مسلمان چوندو ته خدا آهي ۽ ٻيو ڪو به ناهي. ڪرستان به ساڳي ڳالهه چوندو ۽ هندو پڻ. مان ته جيڪر ائين به

چوان ته خود ٻوڌ ڌرم وارو به ساڳي ڳالهه رڳو ٻئي لفظن ۾ چويٿو. اسان مان هرهڪ «ايشور» اکر کي ڪٿي پنهنجي معنيٰ ڏيندو هجي پر اهو ايشور نه رڳو اسان جي ذرڙي ٻرهمنڊ ۾ رميو رهيو آهي پر اهڙن ڪروڙن ۽ عربن ٻرهمنڊن ۾ سمائجي رهيو آهي. اسين پتڪڙا، ريڙهيون پائيندڙ، جيئامڙا ۽ بلڪل بيوس آهيون. اسان کي ڀاڄ بڻايو اٿس، سو اسين ڪيئن هنجي وڏائي، هنجو انعمت پيار ۽ هنجي اپار دَيا ماپي سگهنداسين؟ ايشور ته انسان کي اها به ڇڙواڳي ڏني ٿو ته پلي ٻي ادبيءَ ۽ شوخيءَ سان ڪو ڪالهس به انڪاري ٿئي! پرماتما اهڙو جو ڪميا ڪندڙ ۽ رحماني آهي، تنهنجي وڏائي اسين ڪيئن ڪٿي سگهنداسين؟

* * * *

ايشور نه ڪعبي ۾ آهي ۽ نه ڪاشيءَ ۾ آهي. هو ته گهر گهر ۾ سمايل آهي- هر دل ۾ موجود آهي.

منهنجو ايشور ته منهنجو سچ ۽ پريم آهي. نيتي ۽ سداچار منهنجو مالڪ آهي. ٻي ديائي ڏٺي آهي. ايشور زندگيءَ ۽ روشنيءَ جو مول آهي ۽ تڏهن به هو اُنهن کان مٿي آهي. اسان پاڻ جيترو پرکي چاڻون ٿا، اُن کان گهڻو وڌيڪ هو انسان کي ۽ اسان جي دلين کي چاڻي ٿو.

## ايشور وشواس

بدن کي پيڙ ڪجهه به اهڙو لتو ڳاري، جهڙوڪ چيتنا،

۽ جهڙيءَ ريت کي ايشور ۾ ذرو به وشواس آهي، تهڙيءَ ريت کي ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه لاءِ چنتا ڪرڻ کان شرم اچڻ کپي. لاشڪ اهو ڏکيو نيم آهي پر انهيءَ سبب اهو آهي، جو گهڻن لاءِ ايشور وشواس يا ته صرف دماغي اعتقاد آهي يا ته انڌ وشواس آهي. انڌ وشواس معنيٰ هڪ قسم جو ڪنهن وستوءَ لاءِ وهمي ڊپ. پر چنتا کان صفا آجي رهڻ لاءِ زنده ۽ سچي وشواس جي ضرورت آهي. زنده يقين هڪ ٻوٽي مثل آهي، جو ڏيهي ڏيهي ۽ ذري ذري ڌرتيءَ اندر لڪي ٿو، ٻاهر وڌي ۽ ويجهي ٿو ۽ انهيءَ ٻوٽيءَ کي هر وقت سچيءَ دلي پرارٿنا وقت جيڪي لڙڪ وهن ٿا، تن لڙڪن سان پاڻي ڏيڻ جي ضرورت آهي. اهي ڳوڙها هڪ پريميءَ جا آهن، جو پنهنجي پريتم جو وڇوڙو هڪ ڪن به سهي نٿو سگهي يا اهي ڳوڙها هڪ پڇتاءُ ڪندڙ جا آهن، جو ڄاڻي ٿو ته مون ۾ اڃا پاپ پريل آهي، جنهنڪري ئي پنهنجي محبوب کان جدا ٿيل آهيان.

## قادر ڪٿي؟

مان انسان ذات جي خدمت سان سائينءَ جو ساکيات درشن ڪرڻ چاهيان ٿو، ڇاڪاڻ ته مان ڄاڻان ٿو ته ايشور نڪي آسمان ۾ آهي ۽ نڪي پاتال ۾ ٿو وسي، پر هو اسان مان هر هڪ ۾ وسي رهيو آهي.

*　*　*　*

مان هندستان جي ڪروڙين بکين ۽ ڏکين کي سڃاڻان.

۴۴ ئي ڪلاڪ مونکي اُنهن جو خيال رهي ٿو، ڇاڪاڻ ته مهنجو اُنهن ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڀڳوان ڪونه آهي. ڪروڙين غريبن جي شيوا ۾ مان ايشور پسان ٿو. ايشور مون لاءِ سچ جو روپ آهي ۽ سچ عام ماڻهن جي شيوا ۾ آهي. مهنجو ايشور هندستان جي ڪروڙين گونگين آتمائن ۾ آهي.

## پرارٿنا جو پرتاپ

اسان هڪ ماڻهوءَ کي خط لکون ٿا، اُنجو چڱو منو جواب ملي به ٿو ۽ نه به ملي ٿو. اُهو خط آخر ڪاغذ جو ٽڪرُ ئي آهي. ايشور کي خط لکڻ ۾ نه ڪاغذ گهرجي، نه قلم مس ۽ نه لفظ، ايشور کي جو پتر لکيو وڃي ٿو، اُنجو جواب نه ملي، اهو ممڪن ئي ناهي. اُنهيءَ پتر جو نالو پتر نه، بلڪ پرارٿنا آهي، پوڄا آهي.

* * * *

ڏنو اٿم ته جڏهن حيلا وسيلا ڇڏي، آسون اُميدون لاهي، ٻانهون گوڏن تي رکي ويٺو آهيان، تڏهن ڪٿان نه ڪٿان غئبي مدد ملي اٿم. ايشور جي اُستتي، اُپاسنا ۽ پرارٿنا اهي وهم ناهن. بلڪ جو ڪجهه اسين کائون ٿا، پيئون ٿا ۽ هلون چلون ٿا، تنکان به وڌيڪ سچا آهن ۽ ٻيو سڀ مٿيا آهي، اُئين چوڻ ۾ وڌاءُ ڪونهي.

اهڙي اُپاسنا ۽ اهڙي پرارٿنا ڪا زبان جي چترائي ڪانهي. سچي پرارٿنا دل جي آهي ۽ نه زبان جي.

جنهنجي دل پوتر آهي، جنهنجي تن ۾ هڪ ئي تنوار آهي، تنهن مان رڳو سرڳ جا سر پيا نڪرن ۽ پرارٿنا هڪ عجيب وستو آهي، انهيءَ ۾ زبان جي ضرورت ڪانهي. من جو مئل ڪڍڻ لاءِ، من جا وڪار دور ڪرڻ لاءِ سچيءَ دل سان پرارٿنا هڪ اڪثير علاج آهي پر تنهن سان گڏ مڪمل نمرتا به هئڻ گهرجي.

## پرارٿنا ڇا هي؟

پرارٿنا پڇتاءُ جو هڪ اُهڃاڻ آهي. پرارٿنا اسان جي وڌيڪ چڱي، وڌيڪ سٺي ٿيڻ جي اڀلاکا جو اظهار ڪري ٿي.

* * * *

پرارٿنا يا ڀڄن زبان سان نه بلڪ هردي سان ٿئي ٿو. انهيءَ سان گونگا، ٻاتا، مورک به پرارٿنا ڪري سگهن ٿا. زبان تي امرت هجي ۽ هردي ۾ زهر ته جيڀ جو امرت ڪهڙي ڪم جو؟ ڪاغذ جي گلاب مان ڪيئن تي سڳنڌ نڪري سگهي؟... پرارٿنا لازمي ٿي نٿي سگهي. پرارٿنا تڏهن پرارٿنا آهي، جڏهن اُها ازخود هردي مان نڪري ٿي.

## رام نام جي مهما

ڪروڙن جي هردي جي کوج ڪرڻ ۽ اُنهن ۾ ايڪتا ڀاو پيدا ڪرڻ لاءِ، گڏجي رام نام جي ڌنيءَ لڳائڻ سمان

پيو ڪو سندر ۽ مضبوط وسيلو ڪونهي. ڪيترا نوجوان انهيءَ لي اعتراض آڻيندا آهن ته وات سان رام نام چوڻ مان ڪهڙو لاڀ، جڏهن دل ۾ زبردستيءَ رام نام جي ڏني جاڳرت ڪري ني نٿي سگهجي؟ مگر جهڙيءَ طرح گائن وديا جو آچاريه جيستائين سر نه ملائيندو آهي، تيستائين تار ڇڪيندو رهندو آهي ۽ ائين ڪندي، جيئن اُنکي لائق آواز ملي ٿو وڃي، تيئن اسان به اُمنگ پريل هردي سان رام نام اُچارڻ ڪندا رهون ته ڪنهن نه ڪنهن وقت اوچتو هردي جون اڪل تارون هڪ سر ۾ اچي وينديون. اهو انيوءَ مون اڪيلي جو ڪين آهي، ڪيترن بين جو به آهي. مان خود انهيءَ ڳالهه جو شاهد آهيان ته ڪيترن ڪيچلن ڇوڪرن جو طوفاني سڀاءَ لاڳيتو رام نام جي اُچارڻ سان دور ٿي ويو ۽ اُهي رام- ڀڳت ٿي ويا آهن. ليڪن اُنجو هڪ شرط آهي ته وات سان رام رام چوڻ وقت واڻيءَ کي هردي جو سهڪار ملڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته پاونا کان خالي لفظ ايشور جي دربار تائين نٿا پهچن.

# باب نائون

## اخلاق، ڌرمُ ۽ روحانيت

”لکين لکين ورهه اڳ جيکي نيڪ ڪرم ڪيا ويا هئا، سي ئي اسان جو اخلاق آهي. وڏن وڏن ڪمن جي خواهش ڌارڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن آهنڪار وڌي ٿو، جنهن ڪري پنهنجي زواليت اسين پاڻ آڻيون ٿا.“

## اخلاق

### اپوتر ويچار ڪيئن دٻائجن؟

ائين سمجهو ته جيڪو اپوتر ويچارن کان آزاد ٿئي ٿو، اُنکي مُڪتي ملي ٿي. اپوتر ويچار وڏيءَ تپسيا سان پوريءَ طرح دٻجي وڃن ٿا. اُنجو هڪڙو اُپاءُ آهي ته جڏهن اپوتر ويچار اچي، تڏهن جلدئي اُن سان گڏ سٺو ويچار من ۾ پيدا ڪيو وڃي. ٻرپوءَ جي مهر بنا ائين ٿي

نٿو سگهي. اُنهي اها مهر ۲۴ ئي ڪلاڪ سنڌس نالي وٺڻ ۽ ائين سمجهڻ سان پراپت ٿئي ٿي ته هو انتريامي آهي. ٿي سگهي ٿو ته شروعات ۾ زبان تي رام جو نالو هجي ۽ من ۾ ٻيا خيال ايندا رهن. تڏهن به رام جو نالو اُٿيءَ ڪوشش سان وٺڻ گهرجي، جو اُنت ۾ جيڪي زبان تي آهي. اُهو دل ۾ به جڳهه وٺي.

پيو، من ڪيترو ئي چونه ڪٽي ڦٽڪي، تڏهن به پنهنجي هڪ اِندري به اُنهي وس ٿيڻ نه ڏيڻ گهرجي. جو ماڻهو من سان گڏوگڏ پنهنجي اِندرين (حواسن) کي ڇُٽڪڻ ڏئي ٿو، اُهو ناس ٿي وڃي ٿو. مگر جيستائين ماڻهو اِندرين کي طاقت سان پنهنجي وس رکي ٿو،

اها اُميد آهي ته هو ڪڏهن نه ڪڏهن ڏيهن اپوتر ويچارن تي سوڀ پائيندو. جڏهن من ۾ اپوتر ويچار اچن، تڏهن خفي ٿيڻ بجاءِ اُتساهت ٿيڻ گهرجي. ڪوشش جو سارو ميدان اسان جي اڳيان آهي. نتيجي جو ميدان مالڪ پنهنجي هٿ ۾ رکيو آهي. انڪري اُنهي چنتا نه ڪرڻ گهرجي.

## وهڻ سکو

توهان* جيڪهن نموني همت اچي وينا، اُن باري ۾ مونکي ڪجهه چوڻو آهي. اسان اڳيان جيڪو ڪم آهي،

---

* هي لفظ مهاتما گانڌيءَ ڪاديءَ ـ شيوڪن کي چيا هئا، جي ڪجهه ڀڏڻ لاءِ وٽس ويا هئا.

اُهو ايترو وڏو ۽ ايترو شد آهي، جو اُنجو اثر اسان جي اُٿڻ، وهڻ، ڳالهائڻ، ٻڌڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جي طريقن ۽ اسان جي ويچارن تي به پوڻ کپي. جڏهن اسين ڪنهن جي تقرير ٻڌڻ لاءِ گڏ ٿيون ته اسان کي ترتيب سان الڳه الڳه وهڻ گهرجي ۽ وهڻ وقت سڌو ۽ ڪڙو ٿـي آسڻ لڳائي وهڻ جو ڏ ان وڪڻ کپي. جنهن نموني توهان هڪبيٺي سان لڳي ڳاهت تي ويٺا آهيو، اُها تهذيب (سڀيتا) ناهي.

## پل باسڻ

پل باسڻ ڪري مونکي ڪڏهن آرمان ڪونه ٿيو آهي. مهنجي مڃتا آهي ته بين جا هاٿيءَ جيڏا عيب اسان کي ڪٽليءَ جيڏا سمجهڻ گهرجن ۽ پنهنجا ته جيڏا عيب جبل جيڏا ڏسڻ کپن. تڏهن ئي اسان کي پنهنجن پراون جي خامين جي پروڙ پوندي. انهيءَ رواجي غلطين جي پوئواري ستياگرهيءَ کي سوکيم دشتيءَ سان ڪرڻ گهرجي.

## ماڻهو وڏو ڪيئن ٿئي ٿو؟

تيستائين ماڻهو مرونءَ کـان پري ڇٽبو، جيستائين هو خود غرض آهي ۽ ٻين جي سک جو خيال نٿو رکي. هو حيوانن جي درجي کان تڏهن ٿو مٿي چڙهي، جڏهن هو پنهنجي ڪٽنب جو پلو چاهي ٿو. هو اُنهيءَ کان به مٿي تڏهن ٿو چڙهي، جڏهن پنهنجيءَ سڄيءَ نياٽ يا ذات کي پنهنجو ڪٽنب ڪري ٿو سمجهي. اچا به اُنهيءَ

ڪان اوچو تڏهن ٿو وڃي، جڏهن هو جڪي اسين اُناڙي قومون چئون ٿا، تنکي بہ پنهنجي گهر جو ڀاتي ڪري سمجهي ٿو. مطلب تہ جيتري قدر هو پنهنجن ڀائرن جي ڀلي لاءِ پورهيو ڪري ٿو، اوتري قدر هو وڌو ۽ بلند ٿئي ٿو.

## عمل ۾ شڪتي

عمل جي شڪتي ڇا آهي؟ رام نام تہ هڪ ئي آهي مگر هڪڙو ماڻهو رام نام اُچاري ٿو تہ اثر پوي ٿو پر ٻئي جو نہ. انجو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ هڪڙو اُنکي اختيار ڪري ٿو، پيو ستار يا دلربا وانگر فقط آواز ڪيلدو رهي ٿو. طوطي جي گلي مان بہ رام نام نڪري ٿو پر اهو اُنجي دل تاءِ ٿوروئي ٿو پهچي؟ هو تہ اُنجي اهميت سمجهي ئي ڪين ٿو.

## بدني پورهيو

بدني پورهيو ذات خلقت لاءِ ضروري آهي ... روٽيءَ لاءِ هر هڪ ماڻهوءَ کي هٿ پير هلائڻ گهرجن، اهو ايشوري نيم آهي ... مالڪ مزدور جو ڀيد عام ٿي ويو آهي ۽ غريب امير سان ايرکا ڪري ٿو. جيڪڏهن سڀيئي پنهنجي روٽيءَ لاءِ خود محنت ڪن تہ اوچ نيچ جو ويچو دور ٿي وڃي. جڏهنکي اهنسا جي آزادتا ڪرڻي آهي، جڏهنکي سچ جي ٻندگي ڪرڻي آهي، برهمچريہ کي

جيڪڏهن سپاويڪ ڪرڻو آهي ته أللاء بدني پورهيو ته رام باڻ آهي.

## اِندرين تي ضابطو

اِندرين جا يوڳ، يوڳڻ ڌرم ناهي، اندرين تي ضابطو ڌرم آهي. وڪارن جي واداري يا پورائيءَ ۾ ئي دنيا جو ڪلياڻ آهي، اهڙو خيال ڪرڻ تمام ضررناڪ آهي، اهڙو مهنجو ويچار آهي. وڪار روڪي نتا سگهجن يا أنهن کي روڪڻ ۾ نقصان آهي، ائين چوڻ ئي بلڪل هاڃيڪار آهي.

## ڪروڌ = شراب + آفيم

ڪروڌ جا لڪشڻ شراب ۽ آفيم ٻنهي سان ميل کائين ٿا. شرابيءَ وانگر ڪروڌي ماڻهو ٻه پهرين ڪاوڙ وس لعل پيلو ٿئي ٿو. پوءِ جوش جي گهٽ ٿيڻ تي ٻه ڪروڌ نه گهٽيو ته أهو آفيم جو ڪم ڪريٿو ۽ ماڻهوءَ جي بڌي گهٽ ڪري ڇڏي ٿو. آفيم وانگر أهو دماغ کي کوٽي ڇڏي ٿو. ڪروڌ جون وصفون سلسلوار موه، حافظي جو چٽ ٿيڻ ۽ عقل جو ناس ٿيڻ ليکيا ويا آهن.

## برهمچريه

برهمچريه جو مطلب آهي من، وچن ۽ تن سان سيني اِندرين جو سنجم. جيستائين پنهنجي ويچارن تي ايترو قبضو نه ٿي وڃي، جو پنهنجي خواهش کانسواءِ هڪ به

ويچار نہ اچي سگهي، تيستائين اُهو مڪمل برهمچريہ ناهي. جيڪي بہ ويچار آهن، اُهي هڪ قسم جا وڪار آهن. اُنهن کي وس ۾ ڪرڻ جو مطلب آهي من کي وس ۾ ڪرڻ ۽ من کي وس ڪرڻ هوا کي وس ڪرڻ کان بہ مشڪل آهي. الهيءَ هوندي بہ جيڪڏهن آتما ڪا چيز آهي تہ پوءِ اُهو بہ سڌ ٿي سگهندو.

*      *      *      *

برهمچريہ کان خالي زندگي مونکي خشڪ ۽ مروَنءَ مثل معلوم ٿئي ٿي. حيوان بسياءَ کان ڇڙواڳ آهي پر انسانيت انهيءَ ڳالهہ ۾ آهي تہ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ مطابق پاڻکي ڪنهي هيٺ رکي. برهمچريہ جي ساراه جيڪا ڌرمي ڪتابن ۾ ڪئي ويئي آهي، اُن ۾ پهريائين مونکي وڌاءُ نظر ايندو هو. پر هاڻي ڏينهان پوءِ صاف ٿيندو وڃي ٿو تہ اُها تمام مناسب ۽ آزمايل آهي.

## ڌرم ۽ روحانيت

### ڌرم جي ڪشادگي

مان ائين مڃان ٿو تہ ڌرم ۾ مالي، سياسي وغيره ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. جو ڌرم شڌ ـ ڌن جو مخالف آهي، اُهو ڌرم ناهي. جو مذهب شڌ سياست جو مخالف آهي، اُهو مذهب ناهي. ڌرم بنا ڌن لياڳڻ لائق آهي. ڌرم بنا حڪومت راڪسي آهي. شخص يا سماج ڌرم سان زنده رهن ٿا ۽ اَڌرم سان ناس ٿين ٿا. سچ جي

آڌار سان ڌن ميڙڻ يعني واپار رعيت جي پالنا ڪريٿو. سچ ڪوڙ جي ويچار ڪان خالي واپار پرجا کي ناس ڪريٿو.

## ڌرمن جو ڳانڍاپو

منهنجو هندو ڌرم سڀ ۾ سمايل آهي. اُن ۾ ڪي نه ڪنهن ڌرم لاءِ حسد آهي ۽ نه نفرت. سڀيئي ڌرم هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. هر ڌرم ۾ ڪيترين ئي خاصيتون آهن. ليڪن هڪ ڌرم ٻئي ڌرم ڪان اعليٰ ناهي. جو هڪ ۾ آهي، اهو ٻئي ۾ ناهي. انهيءَ ڪري هڪ ڌرم ٻئي ڌرم جي پورائي ڪندڙ آهي ۽ انهيءَ هڪ مذهب جي خاصيت ٻئي ڌرم جي برخلاف ٿي نٿي سگهي.

## ورڻ - ڌرم جو سچو مطلب

ورڻ اصل ۾ فرض آهي، حق ناهي. انهيءَ ڪري ورڻ جي هستي فقط سيوا لاءِ ٿي سگهي ٿي ۽ نه خود غرضيءَ لاءِ. انهيءَ ڪري ڪو ڪو اوچ آهي ۽ ڪو نيچ. گياني هوندي به جو پاڻکي ٻين کان اعليٰ مڃي ٿو، اهو بيوقوف ڪان به بدتر آهي. وڏي هٺڻ جي ايمان سان هو ورڻ ڪان خارج ٿي وڃي ٿو. هتي اهو به سمجهڻ ضروري آهي ته ورڻ - ڌرم ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي ته شودر تعليم نه وٺي يا ملڪ جي حفاظت نه ڪري. هائو، شودر گيان جي ڏي وٺ کي يا ملڪ جي حفاظت کي پنهنجي روزگار جو وسيلو نه بڻائي. ائين به ناهي ته

برهمڻ يا کتري خدمت نہ ڪري پر خدمت ذريعي گذران نہ ڪري انهيءَ سهج سڀاويڪ ڌرم جي جيڪڏهن پوريءَ ريت پالنا ڪئي وڃي تہ سماج ۾ جيڪي بکيڙا اڄ ٿي رهيا آهن، هڪٻئي ڏانهن جا ايرکا وڌي رهي آهي، ڌن ڪٺي ڪرڻ جا جيڪي ڏاکڙا همواز ڪيا وڃن ٿا، ڪوڙ جو جيڪو پرچار ٿي رهيو آهي ۽ جيڪي لڙائيءَ جا وسيلا تيار ڪيا پيا وڃن، اهي هوند ختم ٿي وڃن. انهيءَ نيتيءَ جي پوئواري سڄو سنسار ڪري يا نہ ڪري، سيئي هندو ڪن يا نہ ڪن پر جيترا ماڻهو انهيءَ انتظام پٺاندر هلندا، اوترو لاڀ تہ سنسار کي ٿيندو ئي. منهنجو عقيدو وڌندو ئي وڃي ٿو تہ ورڻ-ڌرم سان ئي جڳت جو آڌار ٿيندو. ورڻ-ڌرم جو سڄو مطلب شيوا ڌرم آهي. جيڪي ڪجهہ ڪيو وڃي، اهو شيوا ڀاءَ سان ئي ڪيو وڃي. شيوا ۾ سودو ڪٿي؟

## اڇوتپڻو زهر

جهڙيءَ ريت هڪ رتيءَ سنکئي سان کير جو سڄو لوٽو خراب ٿي وڃي ٿو، اهڙيءَ ريت اڇوتپڻي سان هندو ڌرم ناس ٿي رهيو آهي.

## ڌرمي لڙائي

اڇوتپڻي سان لڙائي هڪ ڌرمي لڙائي آهي. اها لڙائي انساني-عزت جي رکيا لاءِ آهي. اها لڙائي هندو

ڌرم ۾ تمام زبردست سڌار واسطي آهي. اها لڙائي سناتنين جي ڪاهيءَ وارين ڪڏن جي خلاف آهي.

## پاڪنڊ جي گندگي

مهنجي توريءَ سمجهه پٽاندر ته پنگيءَ تي جيڪا گندگي چڙهي تي، سا بدني آهي ۽ اها ترت دور ٿي سگهي ٿي پر جن تي ڪوڙ ۽ پاڪنڊ جي گندگي چڙهي ويئي آهي، اها ايتري ته سوکيم آهي، جو دور ڪرڻ بلڪل مشڪل آهي. ڪنهن کي جيڪڏهن اڇوت شمار ڪري سگهجي ته اهو ڪوڙ ۽ پاڪنڊ سان پريل ماڻهوءَ کي.

## زندگيءَ جو مقصد

مهنجي زندگي ڇا هي؟ هيءَ ته سچ جي هڪ پريوگ شالا (ليبارٽري) آهي. مهنجي سڄيءَ زندگيءَ ۾ رڳي هڪ ئي ڪوشش جاري پئي رهي آهي- اها آهي موڪش جي پراپتي، ايشور جو ساڪيات درشن. مان کٽي سمهان ٿو يا جاڳان ٿو، اٿان ٿو يا وهان ٿو، کان ٿو يا پيان ٿو پر مهنجي اڳيان هڪ ئي مقصد آهي، اُن لاءِ مان زنده آهيان. مهنجا ليکڻ ۽ ليکڻ ۽ .مهنجي سڄي سياسي هلچل، سڀ انهيءَ مقصد کي نظر ۾ رکندي ٿيندا رهيا آهن. مهنجي اها دعويٰ ڪانه آهي ته مان چوڪون ڪونه ٿو ڪريان. مان انهن کوله ٿو چوان ته مون جيڪي ٻه ڪيو آهي، سو بي عيب آهي. پر مان هڪ اها ئي دعويٰ ڪريان ٿو ته مون جنهن وقت جيڪا ڳالهه نيڪ

پٺي سمجهي آهي، اُن وقت اُها ڪندو رهيو آهيان. جنهن وقت مونکي جيڪو ڌرم سمجهه ۾ آيو، اُن کان مان ڪڏهن به ڪين هٽيو آهيان. منهنجو پورو وشواس آهي ته شيوا ئي ڌرم آهي ۽ شيوا ۾ئي ايشور جو ساکياتڪار آهي. مونکي نه راڄ جي خواهش آهي نه سرڳ چاهيان ٿو، رڳو اِهائي اِڇا اٿم ته ذات خلقت جا ڏک دور ٿين.

## اندر جو آواز

هر ڪنهن انسان کي پنهنجا پنهنجا فرض ۽ پنهنجون پنهنجون جوابداريون آهن. پنهنجي دل ۾ هو هميش ننڍڙو جهيڻو آواز پيو ٻڌي، جو کيس پيو چوي ته هيءُ تنهنجو ڪرم آهي ۽ هيءُ تنهنجو فرض آهي. تون ئي پنهنجي ڪاميابيءَ يا ناڪاميابيءَ لاءِ جوابدار آهين ۽ نه پيو. جيڪڏهن تون پنهنجي فرض ادائي پاڻ نه ڪندين ته ڪو تنهنجي بدران پيو ڪو نه اچي ڪندو.

## مکتي ڇا ۾؟

ائين برابر آهي ته ڪي سمجهن ٿا ته دنيا ۾ ڪو به ڪرم ڪرڻ اجايو آهي پر منهنجي خيال ۾ ڪرم ڪرڻ يا ڪرم لاءِ ڪوشش ڪرڻ ماڻهو جي واڌاري لاءِ تمام ضروري آهي. رامائڻ يا گيتا جو اڀياس انهيءَ لاءِ ٿو ڪجي ته من پوتر ٿئي ۽ ڪرم ڪرڻ لاءِ من اُتساهت

ٿئي. ڪٽنب جي سڀيال يا وقتي غريبن جي پرگهور اسين ڇو نٿا لهون؟ قوم جي خدمت جو ٻج انهيءَ ننڍي ڪٽنب جي شيوا ۾ سمايل آهي. ڪٽنب جي نشڪام شيوا ازخود ماڻهوءَ کي قومي شيوا جي کيتر ۾ گهلي ويندي. منهنجي راءِ ۾ جيستائين اسين غريبن جي شيوا ڪري نٿا سگهون ۽ غريبن سان پاڻ کي هڪ نٿا ڪريون، تيستائين مڪتي ملڻ ناممڪن آهي.

## سنتوش ۾ سک

ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته زندگيءَ جي ضرورتن کي وڌائڻ کان ماڻهو آچار ويچار ۾ پوئتي پئجي وڃي ٿو، تواريخ ائين ئي ٿي ٻڌائي ٿي. سنتوش ۾ ئي ماڻهوءَ کي سک ملي ٿو. چاهي ڪيترو به ملڻ ٿي جڏهن ماڻهوءَ کي اسنتوش رهي ٿو، اُنکي ته پنهنجي عادتن جو غلام ئي سمجهڻ گهرجي. پنهنجي ورتيءَ جي غلاميءَ کان وڌيڪ ڪا ٻي غلامي اڄ تائين ڏٺي ويئي آهي. سڀئي گيانين ۽ آزمودگارن بلند آواز سان چيو آهي ته انسان پنهنجو پاڻ دشمن آهي ۽ اهو چاهي ته پنهنجو دوست به ٿي سگهي ٿو. ٻڌن ۽ مڪتي (غلامي ۽ آزادي) ماڻهوءَ جي پنهنجي هٿ ۾ آهن. جيئن اها ڳالهه هڪ لاءِ سچي آهي، تيئن گهڻن لاءِ به سچي آهي. اها فقط ساديءَ ۽ شڌ زندگيءَ سان ئي ملي سگهي ٿي.

## پريم

هرڪو ڏينهن بلند آواز سان پڪاري چوي ٿو ته پريم جي ڳنڍ سان ئي جهان ٻڌل آهي. وڌوان اهو سيڪارين ٿا ته جيڪڏهن پريم-ٻنڌن نه هجي ته پرٿويءَ جو هڪ هڪ اڻو الڳ الڳ ٿي وڃي ۽ پاڻيءَ ۾ به جيڪڏهن سنبنڌ نه هجي ته اُنجو هڪ هڪ ڦڙو الڳ الڳ ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي وچ ۾ پريم نه هوندو ته اسان مردي وانگر ئي ٿينداسين.

*　　*　　*　　*

جتي شڌ پريم ٿئي ٿو، اُتي اَڌيرتا لاءِ جڳهه نٿي ٿئي. شڌ پريم ديهه جو ناهي، آتما جو ئي ممڪن آهي. ٻڌل ئي پريم وشيه ئي آهي. آتم پريم ڪي ڪو به ٻنڌن رنڊڪ-روپ نٿو لڳي پر اُنهيءَ پريم ۾ تپسيا ٿئي ٿي ۽ ڌيرج نه ايترو ٿئي ٿو، جو موت تاءِ وڇوڙو رهي تڏهن به ڇا ٿيو؟

## شرڌا

شرڌا جي معنيٰ آهي آتم وشواس ۽ آتم وشواس جو مطلب آهي ايشور تي ويساهه. جڏهن چوطرف ڪارا ڪڪر نظر ايندا هجن، ڪنارو نظر نه ايندو هجي ۽ ائين معلوم ٿيندو هجي ته اجهو ٻڏس، تڏهن به جنهنکي اهو وشواس لڳي ٿو ته مان هرگز نه ٻڏندس، اُنکي چون ٿا شرڌالو.

جنهنکي پنهنجي ڪم ۽ اصول تي اٽل شرڌا آهي، اهو ٻئي جي اشرڌا سان يا ٻئي جي هٺ وجهڻ سان ڇو ڊڄي؟... جو شرڌا وان ٿئي ٿو، اهو ته ٻئي جي اشرڌا ڏسي هيڪاري ٻيڻو مضبوط ٿئي ٿو. شرڌا وان ماڻهو پنهنجي ساٿين کي ڇڏيندو ڏسي پاڻ مضبوط ٿئي ٿو ۽ شينهن وانگر اڪيلو لڙي ٿو ۽ پهاڙ وانگر اٽل ٿئي ٿو.

## سچي ڀائپي

ڀائپيءَ جو مطلب اهو ناهي ته جيڪو توهان جو ڀاءُ ٿئي ۽ توهان سان پريم ڪري، اهڙا عزيز ٿيو ۽ اُن سان پريم ڪريو. اهو ته سودو ٿيو. ڀائپيءَ ۾ واپار نٿو ٿئي ۽ منهنجو ڌرم ته مونکي اهو سيکاري ٿو ته ڀائپي فقط انسان ذات نه بلڪ پراڻي ماتر سان هئڻ گهرجي. انسان پنهنجي دشمن سان به پريم ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿينداسين ته انسان جي ڀائپي فقط هڪ ڍونگ ليکبي. ٻين لفظن ۾ چوان ته جنهن ڀائپيءَ جي ڀاونا هردي سان هنڊائي آهي، اهو ائين چوڻ نه ڏيندو ته سندس ڪو دشمن آهي.

## باب ڏھون

# راشٽر ڀاشا

”انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ هندستانيءَ ڪانسواءِ ڪابہ ٻي ٻولي راشٽر ڀاشا ٿي نٿي سگهي. جيڪا ٻولي ڪروڙين هندو مسلمان ڳالهائي سگهن ٿا، اُهائي ساري هندستان جي عام ٻولي ٿي سگهي ٿي.“

## انگريزي يا هندستاني؟

... جيستائين اوهان ڪي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ ٻيءَ عام ٻوليءَ جو وسيلو هٿ نہ لڳو آهي، تيستائين پرڳڻن سان اوهان جي لہ وچڙ ٿي ڪين سگهندي. هڪ ڪرناٽڪي ماڻهو ڪٿهن سنڌيءَ يا گڏيل علائقن کان آيل شخص سان ڪيئن رلي ملي سگهندو؟ گهڻا ماڻهو ائين ٿا سمجهن تہ انگريزي ٻولي تہ گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ

انگريزي ٻولي سکڻ واسطي ڪيترا شاگرد پاڻ تمام گهڻو پتو ين ٿا. رات ڏينهن ڪتابن کي چهٽيا رهن ٿا. پنهنجي هندستاني ٻولي (هندي يا اُڙدو) ته هندکي سپني ۾ به ياد ڪانهي. انگريزي ٻولي ڳالهائڻ ۾ ئي هو وڏو فخر سمجهن ٿا. هاڻوڪين حالتن هيٺ ته سرڪاري نوڪرين وٺڻ واسطي انگريزي ٻولي سکڻي پوي ٿي. ڇوڪريون وري انگريزي انهيءَ لاءِ ٿيون سکن ته ڪين سنا گهوٽ ملن! انگريزي ٻولي سکڻ ڪو پاپ ڪونه آهي پر ساڳئي وقت اسان کي پنهنجي هندستاني ٻولي وسارڻ نه کپي- اها اوڻائي ته تعليم جي سرشتي جي آهي، جو اسڪولن ۾ هندستاني ٻولي سيکاري نٿي وڃي. تنهن هوندي به شاگردن کي پاڻ تي ياڙڻ گهرجي. واندڪائيءَ جي وقت ۾ هندستاني ٻولي خانگي طرح سکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

## هندي + اُڙدو = هندستاني

هندي ۽ اُڙدو يا هندستانيءَ جي وچ ۾ تفاوت خير ڪو آهي؛ گرامر ٻنهي جو ساڳيو آهي، باقي فقط لپي ٻنهي جي ڌار ڌار آهي، جي ويهي ويچار ڪجي ته هندي، هندستاني ۽ اُڙدو ٽيئي حرف هڪ ئي ٻوليءَ جا نالا آهن. جيڪڏهن انهن زبانن جي لغتن (ڊڪشنرين) ڏانهن ڏيان ڪبو ته لفظن جو وڏو ڀاڱو ٻنهي ۾ ساڳيوئي آهي. تدهن ڪري لپيءَ جو سوال ڇڏي (جو سوال

وقت سر پاڻيهي ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويهندو) ٻنهي ٻولين جي ميلاپ ۾ ڪجهه مشڪلات ڪانه ٿينديون.

## جپان جي ترقيءَ جو راز

جپان اڄ آمريڪا ۽ انگلنڊ سان مقابلو ڪري رهيو آهي، ماڻهو ان لاءِ سندس تعريف ڪري رهيا آهن. مان ٿو ڪريان. تڏهن به جپان جون ڪجهه ڳالهيون سچ پچ اسان لاءِ پيروي ڪرڻ جهڙيون آهن. جپان جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين يورپ وارن کان جو ڪجهه حاصل ڪيو آهي، سو پنهنجي مادري ٻولي جپانيءَ ذريعي ئي حاصل ڪيو ڪيو آهي ۽ نه انگريزيءَ ذريعي. جپاني لپي تمام ڪچي آهي، تڏهن به جپانين رومن لپي ڪم نه آندي آهي. سندن سڄي تعليم جپاني لپيءَ ۽ جپاني ٻوليءَ ذريعي ئي ٿئي ٿي.

هيڏانهن* هت ويٺي جو ڪجهه مون ڏٺو، اهو ڏسي مان حيران ٿي ويو آهيان. جا ڪارروائي هت ٿي، جو ڪجهه چيو يا پڙهيو ويو، اهو (انگريزيءَ ۾ هئڻ ڪري) پبلڪ سمجهي نه سگهي. اهڙيءَ مان ڪهڙو فائدو؟

## اساڻجي راشٽر ڀاشا

ڏسجي ٿو ته انگريز عالمن جي برابريءَ جي انگريز

* مهاتما ڪاشيءَ ۾ تقرير ڪندي هي لفظ چيا هئا.

ن جي ناڪام ڪوشش ۾ ٻين ٻولين سکڻ جي ساري
طاقت کپي وڃي ٿي. انجو نتيجو تمام خطرناڪ ٿيو آهي.
اسان جون پرانتڪ ٻوليون ڪنگال ۽ ڪمزور ٿي ويئون
آهن ۽ را[illegible]اشا هندستاني پنهنجي درجي کان ڪري
پيئي آهي. اهوئي سبب آهي، جو اڄ ديس جي لکن
ڪروڙن ماڻهن سان مٺ جيترن انگريزي تعليم يافتن
جو ڪو سنبنڌ نہ رهيو آهي، جيتوڻيڪ اُهي تعليم يافتہ ئي
سياوي ڪ پبلڪ جا رهنما آهن. سرڪاري اسڪولن کانسواءِ
ديس ۾ عام ماڻهن جي تعليم جو ٻيو ڪو خاص بندوبست
ڪونهي. انگريزيءَ جي جاءِ تي هندستانيءَ کي آڻڻ جو
ڪم ڪانگريس جي سامهون آهي.

# ملڻ جا هنڌ

گانڌي وچار، باپوءَ جا خط، چوڏس مکي گانڌي ۽ قومي جهنڊو ڪتاب هيٺين هنڌان ملي سگهندا:

١. ”لوڪ ساهتيه“ (قومي ٻولي ڪتاب گهر)
حيدرآباد سنڌ.

٢. ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل،
حيدرآباد سنڌ.

٣. هندستاني ساهتيه آستان،
روڊ اي بلاڪ ١٠١- ڪراچي ١.

٤. مهاشيه وطڻمل نيوز ايجنٽ،
ميرپور خاص.

٥. " " گيانچند پڪڙومل نيوز ايجنٽ
شهدادپور.

٦. " " رامچند نيوز ايجنٽ
نواب شاهه.

٧. شري پريتداس برهمچاري،
نوشهرو فيروز.

٨. پارس اسٽورس، نزد پڪچالي ٽلهو
سکر سنڌ.

٩. هاٿ اُديوگ ڀنڊار
شڪارپور سنڌ.

١٠. شري لوڪرام هيمراجاڻي،
دادو سنڌ.